

هوءَ : امداد حسيني

امداد حسيني

هوءَ

پريم ڪويتا
(Love Poetry)

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڪتاب جو نالو: هوءِ

شاعر: امداد حسيني

ٽائيٽل: ساونت شاھ

تعداد: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2016

پارا ن: نئون نياپو اڪيڊمي،

C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ

Ph#021_32624153, 34690389

Cell#0333_2311582

مُلهه = 400

ارپڻ

”سحر“ جي نالي

منهنجي ڪاپيءَ ۾ ڪوئي گُلَ رکي ويو آهي،
ڪير آهي؟
اِها مون کي بہ خبر ڪانهي، ها....
..... ٿي سگهي ٿو تہ اُها تون ئي هُجين
چو تہ هڪ توکان سِوا ٻِي تہ ”سحر“ ڪانهي ڪا!

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”هوءِ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر **امداد حسينيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. امداد حسيني صاحب لکي ٿو:

”عشق زندگي ۽ شاعري الڳ الڳ هوندي بہ الڳ نہ آهن ـ اهي پنهنجي مقرر وقت تي ذهن جي آسمان تي، ٽيڙوءَ جي ٽِمڪي جيان آهن، جنهن ۾ ٽنهي ستارن جي هڪ جيتري اهميت آهي ـ ۽ منهنجي پريمڪا، منهنجي ڪويتا ئي تہ آهي:

ڪوي آهي پريمي ۽ ڪويتا پريمڪا آهي
وِڌاتا، سَتيہ، اَت سُندر، اَڏڪ، اُتم ڪلا آهي
(غزل ـ ”هُوءَ“)“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ** پاران ڊسمبر 2016ع ۾ ڇاپيو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ نئون نياپو جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر لاءِ موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سِٽاءُ

- -ڳالهيون — امداد حسيني /11
- هوءَ — نظم/21
- شِڪاگو! — غزل/22
- پوءِ! — نظم/23
- چيئہ! — نظم/24
- جيئڻ! — گيت/26
- ڪڏهن! — آزاد نظم/27
- مگر! — غزل/28
- ءِ! — نظم/29
- پاسيو — دوها/30
- هُوءَ! — نظم /31
- ڪٽي — غزل/32
- شعر — نظم/34
- ڇَڳَ! — نظم/36
- پاڙ! — ٽيڙو/37
- صدائون! — غزل/38
- وڇوڙو! — نظم/39
- دائرو! — آزاد نظم/42
- ڇوڪري — آزاد نظم/43
- پُوڄا! — نثري نظم/44
- ڪيئَن — نظم/46
- زندگي — غزل/47

- خالي ! — آزاد نظم/48
- تون! — آزاد نظم/50
- آءٌ! — نظم /52
- جوڀن! — قطعو/53
- اِئين! — آزاد نظم/54
- وري! — گيت/55
- ڇوهُہ! — وائي/57
- مگر! — آزاد نظم/58
- عاشقي — نثري نظم/59
- رات — فرد/60
- فسانو! — غزل/61
- ڏورِ! — وائي/62
- پنو! — آزاد نظم/64
- منظر! — نظم/65
- تہ! — نظم/66
- ياد — نظم/67
- تڏهن ! — ترائيل/68
- انگُ۔ — نظم/69
- آبُ! — نظم/70
- جي! — آزاد نظم/71
- شاعري! — غزل/72
- بابت — فرد/73
- اَڄ! — نظم/74
- ڪڏهن! — نظم/75
- ڳوِتا — آزاد نظم/76

- شايد! — آزاد نظم/77
- تصوير! — غزل/78
- چنڊ — فرد/80
- يا! — نظم/81
- نِشوا — نظم/83
- سُميتَ — ٽيڙو/84
- اُوشا! — غزل/85
- فنڪشن — نظم/86
- گيت — نظم/88
- پرا! — نثري نظم/89
- سواءِ! — ٽيڙو/90
- هيرايان! — قطعو/91
- جيون! — نظم/92
- هاڻ! — فرد/93
- آلا! — نظم/94
- مُکيارِي! — آزاد نظم/95
- ورتاءُ! — ترائيل/96
- هَليا! — غزل/97
- تون! — نظم/98
- شايد! — نظم/99
- بلڪ! — نظم/100
- هاءِ! — نظم/101
- جدائي — نظم/102
- پاڻ! — ٽيڙو/104
- ڪلا! — غزل/105

هوءَ : امداد حسيني

- هيءِ! — ٽيڙو/107
- دِلڙي! — گيت/108
- وِٽي! — نظم/109
- ڳالهه — نظم/110
- رچنا — نظم/111
- سُورُا! — نظم/113
- اوچتو! — ترائيل/114
- مطلب! — نثري نظم/115
- مِلڻ! — آزاد نظم/116
- هان! — غزل/117
- رُڳو — آزاد نظم/118
- ٻَلي! — نظم/119
- تنهائي! — ٽيڙُو/120
- گُل! — نظم/121
- جڏهن! — آزاد نظم/123
- متان! — نظم/124
- يا! — آزاد نظم/126
- جڙاءُ! — آزاد/127
- جڏهن! — غزل/128
- گفت — نظم/130
- چِٽ! — نظم/132
- عِيدَ! — فرد/133
- پوءِ! — غزل/134
- جادُو! — گيت/135
- ٻَلا! — نظم/136

- لنوائڻ! — نظم/137
- ياد! — وائي/139
- سُڪا! — ٽيڙو/140
- ٿڪ! — آزاد نظم /141
- ڪڏهن! — نظم/143
- بس! — نظم/144
- پيار! — نظم/146
- جيون! — غزل/17
- راڌيڪا! — وائي/148
- لاءِ! — فرد/149
- جيڏي! — نظم/150
- ڪيئن! — آزاد نظم/152
- سِڪ — غزل/153
- اڳواٽ! — نظم_/154
- ڪالهه! — آزاد نظم/157
- فاصلو! — غزل/158
- ڪِردارَ! — نظم/159
- آلا! — غزل/161
- اِستري! — آزاد نظم/163
- ڪڏهِين! — ٽيڙو/164
- سونا! — غزل/165
- ضروري! — فرد/167
- نوڪر! — آزاد نظم/168
- وِيچاريو! — غزل/169
- هُوءَ! — آزاد نظم/171

- چورِي! — آزاد نظم/173
- سيءَ! — ترائيل/174
- مان! — غزل/175
- خيال! — آزاد نظم/177
- واعدو! — آزاد نظم/179
- آءٌ! — نظم/182
- گڏجاڻي! — نظم 183

38 39

امداد حسيني

ڳالهيون

هٿ سان لکيل سِٽُون تہ ڏاهي سگهجن ٿيون
پر هَٿَ جا ليکا نٿا ڏاهي سگهجن.
هَٿَ وِڍجڻ کانپوءِ بہ اُهي اُتي ئي هوندا آهن
جيئَن جو تيئَن
لوحَ تي ليکي جيان!
جيکڏهن
شاعري، سچ پچ بہ شاعري آهي
تہ پوءِ
اُها بہ هٿ جي لِيکن وانگر آهي
لوحَ تي لِيکي جيان
اِتهاس اِن جو ساکِي آهي!

ڳالهيون تہ ڳچ آهن، جيکي توهان سان ڪرڻيون بہ اٿم، پر ڪهڙيون ۽ ڪيئن؟ اِهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي:

ڳالهہ اها ناهي تہ دل جو داستان ڪنهن کي چوان؟
ڳالهہ اها آهي تہ ڪنءَ، ڪڏهين، ڪٿان، ڪنهن کي چوان!

”هوءَ“ هڪ شعري مجموعو آهي، پر منهنجي لاءِ خاص آهي. اِن ۾ منهنجي عشقيہ شاعري آهي. Love poetry. پريم ڪويتا:

ڳِوِي چئي ويا ڳوِتائُن ۾
عشق بنا سڀ آهہ اجايو

عشق، Love، پيار، پريم جا سهس رُوپ سَرُوپ، رنگَ سُرنگَ ۽ Shades آهن. اِن ۾ هجر آهي. وصال آهي، ملڻ لاءِ وڇڙڻ. وڇڙڻ لاءِ ملڻ آهي. سِڪَ چِڪَ آهي، اُڪنڊَ اُڪِيرَ آهي. اوسيئڙا آهن. پيڙَ آهي. ڏُک سُکُ آهي. مُرڪ آهي ۽ لڙڪ اهن. سُڏڪندڙ سانت آهي، تہ درد پري دانهن بہ!

”هوءَ“ جي رٿ سحرجي آهي. هُن جڏهن اهڙي رِٿ مون آڏو رکي، تڏهن مون کان وڏيڪ هن ڄاتو ٿي تہ هُوءَ مون کي گهاٽي جهنگ ۾ اماڻي رهي آهي! جنهن ۾ وڻ بہ آهن تہ وليون بہ، ماڙهو بہ آهن تہ مِرُون بہ، پکين جون مِٺيون لاتيون بہ، جنهن جي اُپ تي چنڊ آهي، تارا آهن، سون ورن سِج آهي! اُسَ بہ آهي تہ ڇان بہ. جهرڻا بہ آهن تہ ندي بہ! جنهن ۾ ڦلن ڇانيون واٽون بہ آهن تہ ڪنڊن هاڙيون جهاڙيون بہ، جن کي هٿن سان هٽائي گس ٺاهڻو آهي، ۽ پاڻ کي ڦَٽڻو آهي! ڇا اِهو گهاٽو جهنگ، زندگيءَ جو استعارو نہ آهي! ۽ مان اُن ۾ پيهي وڃان ٿو.

1963 واري پُراڻي بياض کان 2016 تائين جون ڊائريون واڇٽيون آهن. اُنهن مان تخليقون اُتارڻيون آهن، نامڪمل تخليقن کي مڪمل ڪرڻو آهي. ڪن کي درست ڪرڻو آهي. اهي ڊائريون اڄ هَڪيُون آهن بہ تہ اِن جو ڪريڊٽ بہ سحر کي وڃي ٿو، جنهن انهن کي ساهہ سان سانڍيو. ڄام شوري کان جڏهن اسين ڪراچيءَ شفٽ پئي ٿياسين، تڏهن سڀ کان پهرين سحر انهن ڊائرين، ڪاپين ۽ نوٽ بڪن کي حفاظت سان نئين هنڌ پهچايو، جيڪي ڇڙوڇڙ پنا هئا، انهن کي هڪ هڪ ڪري هوءَ پڙهندي وئي ۽ ڊائريءَ ۾ اُتارڻ لاءِ مون کي ڏيندي وئي. انهن ۾ ڪجهہ تخليقون تہ اهڙيون بہ هيون، جيڪي مون کي ياد بہ نہ هيون تہ ڪو مون لکيون آهن! جيئن هڪ نظم آهي ”تہ“ جيڪو ”هُوءَ“ ۾ شامل آهي، جنهن ۾ هي ٻہ سِٽون بہ هيون:

پانڌ پائي ڳچيءَ وجهي ڳارو
۽ پرئين پار ڏي پَلي ڇڏجوس.

پر اهي مون کي نہ پئي آئڙيون. خاص ڪري ان جي مٿين سِٽَ. اها ڪا ٻي سِٽَ هئي، ڪهڙي؟ سا ياد نہ پئي آئي. هڪ شام دوستن سان ويٺا هئاسين تہ اعجاز منگيءَ اهو نظم پڙهيو. ان ۾ اُها سِٽَ بہ هئي:

هِڪُ لِيکو ڪڍي ڇڏيو وچ تان

۽ پَرَئين پارَ ڏي پَلي ڇڏجوس

”اربڻ“ ۾ چار سِٽُون آهن. جڏهن تہ مون کي ياد آهي تہ اِهو پوري صفحي جو نظم آهي. پر هٿ نہ آيو. ڳولا جي باوجود بہ! هڪ هڪ پنو ڪري ڳوليم. پر هر ڀيري نظر ڪان ٽِڙي ٿي وييو. بلڪل ائين.جيئن ڪا سهڻي صورت ليئو پائي، لِڪي ويندي آهي:

لِڪي جِنءَ وڃي هوءَ پائي لِيو!

الاءِ ڪيترا مُهاڳ، اَمُهاڳ، سَمُهاڳ، بہ اکر.... لکيا اٿم. پر جڏهن ”هوءَ“ تي ڪجھ لکڻ گهريم، تہ سمجھ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا لکان؟ تڏهن مونکي اديبہ ”ناز“ ياد اچي وئي، جنهن منهنجي اردو شعري مجموعي ”دھوپ کرن “تي ” کتاب کہانی“ پروگرام ڪيو هو حبيب يونيورسٽيءَ ۾. هر ڪتاب جي بہ هڪ ڪهاڻي ٿئي ٿي؟ اها سوچ وڻي هئم. سو. هن شعري مجموعي ”هُوءَ“ جي بہ هڪ ڪهاڻي آهيَ، هڪ آڏيُتِ ڪهاڻي! اها ئي توهان کي ٻڌائڻ پئي گهريم:

ڳالھ پوري نہ سهي، ڪجھ تہ سڻايان توکي!

هونئن هڪ شاعر کي جيڪي ڪجھ بہ چوڻو آهي، اهو پنهنجي شاعريءَ ۾ ئي چوڻو آهي. شاعريءَ ۾ هُن ڇا چيو آهي؟ ڪيئن چيو آهي؟ هُن جي لهجي، موضوع، خيال، ٻولي ۽ هيئتي تجربن تي ٻين کي ڳالهائڻ گهرجي. توڙي جو ڇيڇڻ ڪانپوءِ شاعري
جڳ جهان جي ٿي ويندي آهي، پر اُن بابت پُڇاڻو وري بہ شاعر کان ئي ٿيندو آهي.

سو سوچيم تہ ”هُوءَ“ جي شاعريءَ بابت توهان سان ڪجھ ڳالهيون ڪريان. پر اها ڳَتا:

عشق جي راهن مٿي ڪاوا اُيا
تون نہ هل تنهنجو صبا جهڙو خرام
تون نہ کِل جانِ بهاران تون نہ کِل
هر طرف آهي گلن جو قتلِ عام
(شرط۔امداد آهہ رول)

يا:

پيار ئي هڪ لفظ آهي پھريون ۽ آخري

هونءَ سُٺڻ چاهين تہ آهن لفظ بي معنيٰ سوين
(غزل۔هوا جي سامهون)

جيستائين عاشقي ٿيندي رهي
تيستائين شاعري ٿيندي رهي
(غزل۔ڪرٽي جهڙو پَل)

يا:

رَبُ هر ڪنهن کي زندگي تو ڏي
خوش نصيبن کي عاشقي تو ڏي
(غزل۔ڪِرٽي جهڙو پَلُ)

عشق جي ڪٿا تہ تِهائين آ ڳاهين آهي. پر پني تي پنهنجي سمئہ تي لکجي وئي آهي:

تنهنجي منهنجي
منهنجي تنهنجي
پنهنجي پريت ڪهاڻي
نئين نڪور بہ ايڏي آهي
جيڏي آهي پُراڻي.
(گيت۔ڪِرٽي جهڙو پَلُ)

شاعريءَ ۾ ”عشق“ جو موضوع، جيترو پُراڻو آهي، اوترو ئي نِت نئُون آهي:

اها اِندر ڏنش ست رنگ پنهنجي پريت جا آهي
پراچين آھ جيڏي، نِت نئين تيڏي ڪٿا آهي
(غزل۔”هُوءَ“)

”هُوءَ“ ۾ شامل شاعريءَ بابت ڪجھ چوڻ تي گهريم. ان ڏس ۾ پهرئينversion ۾، ڪجھ نظمن جي حوالي سان، ڪردارن جو ذڪر بہ ٿي ويو هو پر پوءِ اهو رد ڪري ڇڏيم. سچ تہ اهو آهي تہ ڪجھ نظم مون پهرين لکيا، پر اُنهن ۾ آيل ڪردار مون کي پوءِ مليا! اسين لاهور ڪان موٽي رهيا هئاسين. پرسان وينل پيرزادي قاسم کي چيم تہ ”هِن ايئرهوسٽس کي ڏس!“ هُن ان کي ڏٺو جنهن ”ڇڳ“ کي استائيل سان ڳِتي تي

چيڪ چڏي ڏنو هو. پوءِ مون پيرزادي قاسم کي پنهنجو نظم: ”چَڳُ“ ٻڌايو. ائيرهوسٽس شايد سمجهي وئي ته اسين سندس باري ۾ ئي ڳالهائي رهيا آهيون. وچي، واپس وَري ته ”چَڳُ“ وارن ۾ سيٽ ڪري ڇڏي هئائين! ڪڏهن ڪڏهن اهڙن ڪردارن کي ڏسي لڳندو آهي ته اِهي منهنجي ئي تخليق مان نڪري جيئري جاڳندي وجود ۾ منهنجي سامهون اچي ويا آهن! ڪجهه ڪردار پهرين مليا ۽ نظم مون پوءِ لکيا. انهن جي ڪنهن جُملي، ورتاءُ، ادا کان متاثر ٿي. جيئن هڪ نظم آهي ”نِشوا“ اُن ۾ صرف هڪ جملو آهي، اُن ڪردار جو ته:

”اي ڪوي! توهان کان منهنجو نالو سدائين وسري ٿو وڃي.“ اِن جملي ۾ ئي اهو نظم موجود هو. جيڪو ڳوٺ (ٽکڙ) کان حيدرآباد سنڌ پهچندي مڪمل به ٿي ويو. گهر اچي اُن کي پني تي اتاري ڇڏيم. پر ”هُوءَ“ ۾ هڪ نظم ”متان!“ اهڙو آهي، جيڪو 1963ع واري پُراڻي بياض ۾ آهي ۽ اڻڇپيل آهي، اهو نظم مون کي هر پيري پورو- اڻپورو لڳندو هو. ان نظم کي مختلف وقتن تي ڪٽي ويهندو هئس، پر هر پيري ان کي مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام ئي رهيس. جيتوڻيڪ ڄاتم ٿي ته شعوري ڪوشش سان، ائين ٿي به نه سگهندو پر:

رائگان ئي سهي ڪوشش ته ڪريون

وانگر ان کي وري وري لکندو رهيس، هاڻي اهو نظم ”هُوءَ“ ۾ شامل آهي. اهو ڪئين مڪمل ٿيو؟ پتو ئي نه پيو! ”هُوءَ“ ۾ هڪ نظم آهي ”سُور“ اهو پني تي ڪيئن لٿو؟ ۽ ڪڏهن؟ اهو ٻڌائڻ پڙهندڙ لاءِ ڪٽي لاڀڏائڪ نه به هجي، پر ايترو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ان نظم مون کي جئيڻ ڏانهن ورائي ورتو! نظم اُتاريندي اُهو سُتل سُور وري به جاڳي پيو. اِهو سُور اُهو سُور به نه آهي جنهن لاءِ لاکيڻي لطيف چيو آهي ته:

ته ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سُور پريان جا ساڻ مون!

ڏُک ته ڏاج آهن عشق لاءِ. گهوريا سُک ڏکن ري! منهنجو هڪ طويل نظم ”رُوتس“ (جيڪو ”ادب - امداد حسيني نمبر“ ۾ ڇپيل آهي) ۾ پهريون بند ئي ”ڏک“ جي موضوع تي آهي:

ڏک تـه آهـي دَيـن خـدا جـي
ڏُک تـه آ وردان ايـشـور جـو
ڏُک تـه آهـي پـارس ڪـوئـي

ماڻهو جنهن سان سونُ ٿئي ٿو

ڏُکـن کان پوءِ ئي سُک ملن ٿا. ملڻ لاءِ وڇڙڻ لازمي آهي، ”هُوءَ“ ۾ هڪ نظم آهي ”وڇوڙو“. اهو ڪردار ٻن تن ڏينهن لاءِ ئي مليو ۽ پوءِ اُهو پنهنجي نون رشتن ڏانهن وڌي ويو ۽ آءُ پنهنجي پُراڻن رشتن ڏانهن موٽي آيس! ان نظم ۾ ٻه سِٽُون ورجائجن ٿيون:

تـون وسارڻ بـه جـي چـاهـيـن تـه وسـاري ڇـڏجـان،
ڇو ته سارڻ سان سَري ڪجهه به نه ٿو، سُورَ سواءِ!

پر اهي سڀ چوڻ جون ئي ڳالهيون آهن. وسارڻ ۽ سارڻ وس ۾ ڪٿي آهي. ان ڪيفيت ۾ ئي سُور سُرور بڻجي ٿو وڃي. اهو طيءِ آهي ته شاعريءَ جو اوچو تخيل ۽ ڪلپنا سان ئي ٿئي ٿو. ”هُوءَ“ ۾ هڪ نظم آهي ”اڳواٽ“ اهو نظم ان ڪردار کي پيش آهي، جنهن مُنهِ ۾ ئي چيو هو ته ”نه دوستي، نه عشق“ ۽ پوءِ:

مـيـز ئي آهـه نـدي ناهـه، اسان جي وچ ۾
پوءِ بـه تولاءِ ائين جڻ ته پريون پار هُجان

واري صورتحال ئي رهي آهي اسان جي وچ ۾. ها، عشق ۾ دوکو ۽ ڏُلبو بـه آهي، جيڪو اَسهه آهي، اهڙو اظهار ”آب“ نظم ۾ آهي:

جيئرو مون کي رکي پنهنجين اکين جو آب ماري تو ڇڏيو!

مرڻ - جيئڻ جي ان ٻـه واٽي تي بـه ڪنهن منهنجو هٿ اچي پنهنجي هٿ ۾ جهليو هوندو ۽ مون کي زندگيءَ ڏانهن واپس ورائي آندو هوندو!

نـه تـه فاصلو گهڻو هو مون ۾ ۽ خودڪشيءَ ۾
تـنـهـنـجو هـجـڻ، هـجـڻ آ، ويـسـاهـه زنـدگـيءَ ۾!

”هُوءَ““ ۾ آخري لمحن ۾ بـه ڪجهه تخليقون ڏيڻ کان رهجي ويون آهن. جئين ”هل ته ڪنهن مئڪدي ۾ هلون“ اسڪرپٽ ۾ هو پر پوءِ ترسائڻو پيو. اهو نظم بـه 1963 واري پراڻي بياض ۾ آهي ۽ ڪنهن بـه مجموعي ۾ نـه اچي سگهيو آهي. ڪجهه نظم سحر بـه ڪڍي ڇڏيا ۽ ان ڏس ۾ اسان جا پاڻ ۾ ڏگها ۽ چِٽا بحث بـه ٿيا. ٻنهي وٽ پنهنجا پنهنجا دليل هئا اِن ڏس ۾. پر اُٽل سدائين سندس پاسي ئي ٿيندي هئي. انهن بـحـثـن جي پُڄاڻي منهنجي اِن جملي تي ٿيندي هئي ته ”ٺيڪ آهي، آءُ اُهي نظم/تخليقون ڳالهيون“ ۾ ڏئي ڇڏيندس. پر هُن کي اها سُڌ هئي ته

آءٌ ائين ڪندس ڪونہ!

بئڪ ٽائيٽل تي جيڪي رايا آهن، اُهي منهنجي همعصرن جا آهن ۽ مون لاءِ انتهائي اهم آهن. انهن مان بہ مون هڪ لفظ پاڻ ايڊٽ ڪيو آهي ۽ اهو لفظ آهي ”عظيم“ ان جو هڪڙو ڪارڻ اهو آهي تہ ڪنهن بہ شاعر کي ”وڏو ، مهان يا عظيم“ چوڻ جو مطلب آهي: هُن کي زندگي ۾ ئي ماري ڇڏڻ! ٻيو تہ اسان وٽ ”وڏا، عظيم ۽ مهان“ شاعر مڙئي گهڻا ٿي ويا آهن، جيڪي ”سنڌ“ جو سڳورو نانءُ بہ صحيح اُچار سان ڪتب نہ ٿا آڻين، يا ضميري پڇاڙين جي جوڳي واهپي ۾ بہ اَسمرٿ آهن! منهنجي لاءِ وڏو، عظيم ۽ مهان ٿيڻ بدران شاعر ٿيڻ وڌيڪ اهم آهي. ۽ ائين آءٌ ڪسرنفسيءَ مان نہ پيو چوان!

عشق زندگي ۽ شاعري - الڳ الڳ هوندي بہ الڳ نہ آهن - اهي پنهنجي مقرر وقت تي ذهن جي آسمان تي، ٽيڙوءَ جي ٽِمڪي جيان آهن، جنهن ۾ ٽنهي ستارن جي هڪ جيتري اهميت آهي - ۽ منهنجي پريمڪا، منهنجي ڪويتا ئي تہ آهي:

ڪوي آهي پريمي ۽ ڪويتا پريمڪا آهي
وِڌاتا، سَتيہ، اَت سُندر، اَڏڪ، اُتم ڪلا آهي
(غزل -”هُوءَ“)

هوءَ : امداد حسيني

www.sindhsalamat.com

هوءَ

(شاعري)

هُوءَ

”هُوءَ“ جا منهنجي گِيتَ تي، لوڏي ويني پيرَ،
ڪيرَ آهي سا ڪيرَ، ڏِنل وائِنل ٿِي لڳي!

شِڪاگو!

ملي وينگس هئي واسينگ وارن سان شِڪاگو ۾
اَلائي ڇا چَئيِ ويئِي اشارن سان شِڪاگو ۾

ٿِڪن سان گَجُ پهريل سانوري جو سامُهُون آئي
لٿي چڻ شام ويسٽ۔ اِن تي ستارن سان شِڪاگو ۾

مِليا جي آمريڪا ۾ کُليل دل سان مِليا سِنڌِي
ڪيائون وَڙ سُوَڙ ”امداد“ پارن سان شِڪاگو ۾

ٻسان ٿو آءٌ اُن ۾ اولڙو هڪ چنڊ ڇهري جو
ندي ٿي تار وهندي وئي ڪنارن سان شِڪاگو ۾

پُراڻي مَڌُ وانگي ئي نشا تن جا لٿا ناهن
گُذاريونسين گهڙيون جيڪي ٻه يارن سان شِڪاگو ۾

ڇيوسين ها ڇيوسين ڳَر لڳي جيڪي ٻه چوٽو هو
ڪيوسين سَو دلين سان پيار پيارن سان شِڪاگو ۾

اَلائي پُورَ ڪهڙي ۾ ”سحر“ سُرٻاتِيو: ”سانول!
هُجون ها ڪاش تُون ۽ آءٌ ٻارن سان شِڪاگو ۾“

”صنم“ ڳائي رهي هئي شاهه جي اسٽيج تي وائي
ٻِٽائي ساڻ هو چڻ بيقرارن سان شِڪاگو ۾

(ويسٽ اِن_هوٽل جو نالو) (صنم_ صنم مارئي)

پوءِ!

اج وري هُن کي ڏٺو مون ڪيترن ڏِينهَنِ کان پوءِ
اِنءَ لڳو ڄڻ سِڄُ نڪتو ڪيترن مِينهَنِ کان پوءِ

”نِينهُن هڪڙو ئي ٿئي ٿو“ سچ چيئہ سَو سيڪڙو
پر اُهو هڪ نِينهُن ٿئي ٿو ڪيترن نينهَن کان پوءِ!

هوءَ : امداد حسيني

چيئہِ!

1

منهنجي سگريٽ پيڻ جو نہ وڻئي اسٽائيل
آءُ ٿي وي ٿي بہ بيمارُ لڳو هوس، چيئہِ
نظم جنهن وقت پڙهيو هوم ”ڏُونهين جو بادل“
تہ اُنهيءَ مهل صفا ٻارُ لڳو هوس، چيئہِ
آءُ سيني کان گَٽيل، ڏُونهن ۾ ويڙهيل سيڙهيل
پنهنجي ئي ڪنڌ مٿان بارُ لڳو هوس، چيئہِ
منهنجي اکڙين ۾ هئا خواب سوين جاڳندا خواب
بي گناهيءَ جو گنهگارُ لڳو هوس، چيئہِ
ٽيپو ٽيپو ٽِپي ٽِميا رنگ ۽ خوشبو جنهن مان
پاڻ گُل هوس، مگر خارُ لڳو هوس، چيئہِ

شهر ۾ پيارَ جو پينارَ لڳو هوس، چيئِـ
آءُ سوريءَ جو سَزاوارُ لڳو هوس، چيئِـ
نـ اُها ٻانهَن ڏگهير ۽ نـ اُها وچ ۾ ميز
پوءِ بـ تولاءِ پَريون پارُ لڳو هوس، چيئِـ
۽ سندم چين سِموڪنگ، گهٽو ڳالهائڻ
آءُ بکواس ۽ بيڪارُ لڳو هوس، چيئِـ!

2

جنهن سان ٽڪرائجي پنهنجوئي مٿو ڦاڙيان ٿو
آءُ پٿر سندي ديوارِ لڳو هوس، چيئِـ
منهنجي نيڻن ۾ هئا نِيرَ، هٿن ۾ هئا ڦول
آءُ رسوا سَرِ بازارِ لڳو هوس، چيئِـ!

جيئَڻ!

تنهنجا سپنا
ننڊ اچي تـ ڏسان

آءُ جُڳن کان جاڳيو آهيان
تولئِہ گيت رچڻ ٿو چاهيان
لفظ مِلن تـ لکان!

چنڊ چڙهي تـ انهيءَ سان جاڳان
سمنڊ لُڇي تـ لُڇان ۽ ڦٿڪان
ديپ جلي تـ جلان!

جيون ڳوڙهو وسڪيءَ جهڙو
توبن پيئَڻ جيئَڻ ڪهڙو
زهر ملي تـ پِيان!

(آئون هي گيت مرهيات استاد ظفر علي خان جي نالي ٿو ڪريان. جنهن هن گيت کي مڌر ڏن ۽ آواز ۾ ڳايو.

ڪڏهن!

غزل جو ڪڏهن شعر
دوهو ڪڏهن
ڪڏهن نظم جو سِٽ سِٽاءُ
ڪڏهن گيت جي لئہ ٽيو ٽِپي وڃِين!

جڏهن مان لِکڻ ٿو لڳان
تڏهن
اِئين ٿو لڳي
تہ جڻ تنهنجو هٿ منهنجي هٿ تي ڌَريل آ
تڏهن ئي تہ هر لفظ جي طاق تي
سُڳنڌت ڏِيو ڪو ٻَريل آ
تڏهن ئي تہ هر سِٽَ جي سِينڌ ۾ ڪِيرَ ڌارا پَريل آ!

مگر!

گَهٽا بہ توتي وَسِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون
ڪِنوڻ بہ توسان ڪِلِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

جڏهن بہ سِڄُ چنڊ ۽ ستارا گُهرن تہ توکي ڏسي سگهن ٿا
هوا بہ توکي ڇُهِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

ڪجل اکين ۾، لبن تي لالي، ڳچيءَ ۾ مالا، ڪَنن ۾ والي
هٿن تي ميندي رَچِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

اُها هجي شام، يا هجي رات، وار کولي سنڌءِ اڱڻ تي
جڏهن بہ چاهي اَچِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

جڏهن بہ پازيب کي وٽي، پشم پير چمڪي ڇُهِي سگهي ٿو
سَنگهر ڳچيءَ کي چُمِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

گلاب جو گُل جڏهن بہ چاهي سنڌءِ ڳتي تي ٽِڙي سگهي ٿو
پُسِي بہ توکي پَسِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

ڪڏهن گهٽيءَ منجهہ آمُهُون سامُهُون اِئين ئي بنا ارادي
نظر نظر سان مِلِي سگهي ٿي مگر نہ آئون مگر نہ آئون

5.2.2005

۽!

رات بہ تولئہ چنڊ هٽي تي چوٽيءَ ۾
تارن جا ٽي ڦُلا ٽيڙي
ڏينهن بہ تنهنجي لاءِ اُپاري ٿو سورج
باغ بہ تولئہ رنگ رنگ جا تازا سُرها گُل ٿو ٽيڙي
وڻَ بہ تولئہ ڪن ٿا ڇائُون
توسان گڏُ گُهمڻ جي ڪارڻ ٿيون گُهلن هوائُون
سمنڊ بہ تنهنجا پيرَ چُمڻ جي لاءِ لُڇي ٿو
۽ آئُون؟
تنهنجي لاءِ لڪان ٿو ڪوتائُون!

17.11.1999

پاسيو!

گهر ڏي ايندي پارڪ ۾، آئُون ويٺس جِيئَن،
تون بہ هُيين گڏ بينچ تي، مون کي پاسيوِايئَن.

جو بہ جِيَسِ توکان سوا، سو سڀ جاڙجِيو ۾،
توسان دل ڪنءَ ٿي وَئِي، ڪو بہ پَتو نہ پِيوم!

سُرت بہ تون ساڃاهہَ تون، تون ئي ساهہ پساهہ،
سڀ ۾ تون ئي تون سڄڻَ، مون ئي مون ڪا ناهہ!

تو ڏي ڏسندي ڪنءَ ڏسان، هيڏانهن ۽ هوڏانهن،
سورج ڏي سورج مُڪي، آءٌ اِئين تو ڏانهن!

هُوءَ!

جنءَ ٿي سُئِي سَڳي ڪي سيري، تنءَ ٿي مون ڪي سيري هُوءَ
پريت پُراڻي آهي ليڪن، نئين لڳي هر پيري هُوءَ
اڻجاڻائي ڪم آئي سين، چاڻَ وجهي وئي ڇيري هُوءَ
پَونرُ پري ٿو جيئَن گونرَتي، هيرَ اِنهيءَ تي هيري هُوءَ
سورج وانگر جا ڏي چاهي، سورج گُل جنءَ ڦيري هُوءَ

هُن ڪان ٻاهر ڪجھ ڪو نہ آهيان، عڪس آهيان آئينو هُوءَ
پيوَ ساگر مان پار اُڪاري، اهڙو آهہ سفينو هوءَ
سڄي سِرشٽي مُندڀءَ وانگي، اُن ۾ آهہ نگينو هوءَ
ڌڙ ڌڙ ڌڙ ڌڙ ڌڙڪان هُن ۾، دل آهيان مان سينو هوءَ

هيڏي ساري هِن دنيا ۾، تنها مان ۽ تنها هُوءَ
منزل هُوءَ، انهيءَ ڏي ويندڙ چارا سارا رستا هُوءَ
ٻن گهرنِ نيرن نيڻن سان، چئي وڃي ٿي چا چا هُوءَ
ايڏي سُهڻي ايڏي سچي، جهڙي منهنجي رچنا هُوءَ

جيون ڪيڏو بي رنگ آهي، اُن ۾ رنگ پرِي ٿي هُوءَ
هَٿ تي هَٿُ ڌري ٿِي انءَ جنءَ، دل تي هَٿُ ڌري ٿِي هُوءَ
ڇڻ تہ مِلي ئي ڪا نہ هُئِي، جي، پَل جي لاءِ پري ٿِي هُوءَ
ڪُوڙ ڪُپت جي چَل وَل جڳ ۾، پَتِ سُپَتِ پَري ٿِي هُوءَ

❊❊❊

ڪٽي

ڪُلهن تي ڇُڙيل وار ڪارا ڪٽي
وري رات جڳمڳ ستارا ڪٽي

ندي، ٽُڙڳندڙ چنڊ تارا ڪٽي
وَئِي هُوءَ سارا نظارا ڪٽي

پَلي ڪر نہ مون ساڻ ڪا ڳالھ ٻولھ
اکين سان ئي ڪر ڪي اشارا ڪٽي

بَلي! ڦوھ سانوڻ ۾ سِنڌو ندي
هَلِي ساڻ ٻيئِي ڪنارا ڪٽي

سڄڻ سان ملڻ لئِہ، لِڪي لوڪ کان
هلي سينڌ ۾ ڪِيرَ ڌارا ڪٽي

هليا لُڙڪ ۽ مُرڪ مَٽ سَٽ ڪريون
ڏَئِي ڏُکَ، وچ سُکَ سارا ڪٽي

نہ تاريخ مان جن سِکيو ڪو سبق
اُنهن کي دَسيو وقت وارا ڪٽي

مِٺِي مُرڪ سان صرف هڪڙي نِهارَ
ڪٽوا ري ڪجل نيڻ ڪارا ڪٽي

ڇڏي ديهہِ جو ڏيهہ ويندو لڏي
پہ ٿي ساهہ هر ڪو اُڌارا ڪٽي.

30.4.2015

شعرُ!

جيون آهہ لنوايو مون کي
پر مان ڪيئَن لنوايان توکي
شعَر ٻُڌائڻ لاءِ چَوِين ٿِي
ڪهڙو شعرُ ٻُڌايان توکي

قومي، رُوماني، رُوحاني
ڪهڙو شعر سُڻايان توکي
ڪيڏي سُک سان ويٺي آهين
ڇاجي لئِہ تڙپايان توکي

وارن وانگي سُلجهيل آهين
ڇاجي لئِہ اُلجهايان توکي
جي ڪنهن گهر تي ڪونہ رسن ٿيون
سي ڇو گِهٽيون گُهمايان توکي

ڪاندا ٿاندا منهنجا رستا
تن تان ڪيئَن هلايان توکي
جنهن جي ڪائِي منزل ڪانهي
ساچو راهہ رُلايان توکي

عشق تہ مُشڪ جِيان تو اُڪلي
مُٺ ۾ ڪيئَن ڇُپايان توکي
سُپ سان سِڄُ نہ ڍڪجي سگھندو
لوڪان ڪيئَن لِڪايان توکي

آوستا سُندر سپني جھڙي
اُن مان ڇو جاڳايان توکي
شھر سڄوئي ٽاٽا گھاٽا
ڪھڙو سَيرُ ڪرايان توکي

تون تہ سجايل سنوريل ڏُر ڪان
ڪھڙو آءُ سجايان توکي
شعر رڳو گُل ناھن، سي ڪنءَ
ڪونج ڳچيءَ ۾ پايان توکي

تون ئي منھنجو مشڪل حَل ڪر
ڪھڙي سُر ۾ ڳايان توکي
سيئي رنگ سُنھن تا توتي
ڪھڙو رنگ لڳايان توکي

پوءِ بہ جي تون مھڪڻ چاھين
اوري اڇ مھڪايان توکي
ھليا تہ نِس پِس تو جھڙو ئي
سُندر شعرُ سُڻايان توکي!

(اوستا_ وَھِي، ڄمار)

چَڳَ!

”ھيءَ جا
چنچل چَڳ آ، سا
ڳاڙھي ڳل تي
پاڻ لٿي آ، يا
تو لاٿي آ؟!“

پاڻ!

پاڻ ملياسين اِيئَن،
سنڌُو جي وچ سِيرَ ۾-
سهڻي ساهڙ جيئَن!

اِيئَن ملياسين پاڻ،
پاڪر پائي جنءَ ملي-
ساگر سنڌُوءَ ساڻ !

ساڻ سُمهين هيڪر!
تو جهڙي رچنا پرين،
رَچي سگهان جيڪر!

❊❊❊

صدائون!

اُهي گُل مُهر جون رنگين ڇائُون ڄام شوري جون
اوهان جي لئہ سراپا التجائُون ڄام شوري جون

ڪٿي ڪنهن شهر ۾ ڪنهن راهہ ۾ هر هر مُڙي ڏسنديٺءَ
سدا پيڇو ڪنديون رهندءِ صدائُون ڄام شوري جون

ائين ڪنهن موڙ تي ٽڪرائجي وڃجي تہ ڇا ڇئجي
ڪَٽِي وچ ها ڪَٽِي وچ لک دعائُون ڄام شوري جون

ڪڏهن ڪو واءُ جو جُهوٽو لڳي، تون ياد فرمائج
سندءِ گيسو اُڏاريندئون هوائُون ڄام شوري جون

خطائن ۾ بہ هڪڙي قسم جو پنهنجو مزو آهي
عطائُون جيڪڏهن آهن عطائُون ڄام شوري جون

وسارين جيڪڏهن ”امداد“ کي، ممڪن اِهو آهي
وساري ڪو نہ ڪو سگهنديٺءَ فضائُون ڄام شوري جون!
23.9.2002

(مرهيات صادق فقير جي نالي. جنهن لاءِ هي غزل لکيو ويو ۽ جنهن ڳايو بہ ۽ پوءِ
”سارنگا“ ۾ ڇپيو جتان اُتاريو ويو).

وڇوڙو!

سي هوائون تنهنجي پنين ۾ جي وِڇڙيون سِڇڙيون
اُهي شامُون جي ستارا کڻي آيون تو لئه
راتِيُون، چنڊ جو جُهومر هڻي آيون تو لئِه
صبح جيڪي تنهنجي چهري مان اکيون مهٽي اُٿيا
اُهي راهون جي هيون پنهنجون کُليل ٻانهون
لوڪ ورثي جي ميوزيم جو اُهو هال ۽ پاڻ
هال ڄڻ پاڻ کي پاڪر ۾ ڀَري ٿي ورتو
تون وسارڻ ٻه جي چاهين ته وساري ڇڏجان
ڇو ته سارڻ سان سَري ڪجهه ٻه نه ٿو سُورَ سواءِ

ڪو ته سڳ هو پنهنجو ناتو هو ۽ ڪو رشتو هو
جنهن جو ڪو نانءُ نه هو، پوءِ ٻه سڀئي نانوَ هئا
مُنڍ جنهن جو نه هو ۽ ڪا ٻه پُڇاڙي نه هئي
جا ڪهاڻي ٻه هئي، پوءِ ٻه ڪهاڻي نه هئي

جن کي معنيٰ ٻه هئي، يا نه هئي، سي ڳالهيون
۽ اُهي ٿهڪ جي سُڏڪن جو پڙاڏو ٿي لڳا
۽ اُهي لڙڪ جي اکڙين جي ڀريل ساغرمان
هٿ ترِيءَ ساڻ، ٿِشوءَ ساڻ اُگهيا پاڻ لِڪي

۽ اُها شام، ڇُڙيل وار سنڌءِ، مست هوا
اُها اڌ رات، سڄو چنڊ، اُهي پاڻ ٻه اَڌَ
هڪ سڄي جا، جي اَڌو اَڌُ ئي رهڻا آهن
۽ اُها راهه اسان ساڻ هلي پئي جيڪا
۽ اُهي وَڻَ، اُها چانهه، اُهي دوست ۽ شعر
۽ اُها ڪٿَ، ڇَپر ڪٿَ لڳي ٿي جيڪا
هڪڙي سگريٽ مان پنهنجو اُهو هڪ هڪ سُوٽو

۽ اُهو شهر جو منهنجو نه هو، تنهنجو ٻه نه هو
۽ اُها بينچ جتان چنڊ ڏٺوسين گڏجي
”ڪهڙي تاريخ جو آ؟“ تو ٻه پُڇيو، مون ٻه پُڇيو
پوءِ هڪٻئي کي ڏٺوسين ۽ ٻنهي ڪجهه نه ڪُڇيو
(۽ اُنهيءَ ڪجهه نه ڪُڇڻ ۾ ٻه ڪڇيوسين جيڪو!)
(۽ اُنهيءَ ڪجهه نه لُڇڻ ۾ ٻه لُڇيوسين جيڪو!)

تون وسارڻ ٻه جِي چاهين ته وساري ڇڏجان
ڇو ته سارڻ سان سَري ڪجهه ٻه نه ٿو سُورَ سواءِ!

۽ اُهو آخري پَل، وِرهه وڇوڙي جو پَل
جنهن کي اچڻو هو ٻِليءَ پير، اچي ويو جيڪو
تنهنجي چاهڻ کان سوا ۽ منهنجي چاهڻ کان سواءِ
(تنهنجي چاهڻ منهنجي چاهڻ سان ڀلا ڇا ٿو ٿئي!)

تو اُنهيءَ ويرَ چيو ’فون ڪنديءَ هاڻ نہ تون.....
..... تنهنجي شاديءَ تي اچان آءٌ.... ضرور آءٌ اچان.....!

پوءِ تون ڏار ٿينءَ، ڏُور ٿينءَ، ۽ ڀُٽيان
تو مُڙي ڪو نہ ڏٺو ڪو نہ ڏٺو ڪو نہ ڏٺو ڪو نہ ڏٺو
ٿورڙو ڏُور وڃي، لُوهہَ وِڏي تو در ڏي

هاڻ ڇاهي؟ اگر آهي بہ تہ بس ايترو آهي تہ اُمالڪ- هڪدم ميڙ ۾ آءٌ اڪيلوئي اڪيلوئي اڪيلوئي اڪيلوئي اڪيلوئي.... هُيس سمجھ ۾ ڪجھ بہ نہ ٿي آيو تہ ڇا هاڻ ڪريان؟ ڏاڪڻين تي ئي اُتي آءٌ، جهلي هانءُ، آلا ويهي رهيس!

24.2.2016

دائرو!

”هوءَ“
جيڪا ڪراچيءَ مان سيڙهجي
ڄام شوري آئي هئي
منهنجي شاعري ٻُڌڻ لاءِ
۽ آءٌ
اُن مڏ ماتي، ڏُونهاٽيل رات جو
ڇَڙ اُتر ۾، مچ تي
هن کي شاعري ٻڌائي رهيو هوس!
اوچتو هُن پڇيو:
”غزل جي مطلع ۾ هم قافيا مصراعن جي هوندي آهي.
پر ”آرسي“ ۾ ڇپيل توهان جي هڪ غزل جي مطلع هڪ مصرع جي آهي-
”حياتي آڳَ آهي، آڳَ لهرايون پيا يارو!“
اڳي، اهڙو سوال ڪنهن بہ نہ ڪيو هو!
”مصرع ثاني مون پاڻ سينسر ڪري ڇڏي آهي“.
”اُها ٻڌايو!“
ٻڌايانس ٿو پوري مطلع، سينسر ڪيل مصرع سميت
”منهنجي ڪيتري شاعري اهڙي آهي، جيڪا مون پاڻ سينسر ڪئي آهي. گهٽي تہ مون وٽ لکيل بہ ناهي، پر ڪجھ دوستن کي ياد آهي!“
”اُها ٻڌايو!“
پوءِ هوءَ ۽ مان
- وقت، هوا، دوستن جي دائري مان نڪري-
شاعريءَ جي دائري ۾ داخل ٿي وياسين!

ڇوڪِري!

راتَ مِلي هئي ڪاجَ ۾، ساڙهيءَ واري ڇوڪري!

سرس هُئي جا سُونهن ۾، هيڏي ساري راڄَ ۾
مِٺي مِٺي اهڙي مِٺي، مِٺو هجي جنءَ ڪاج ۾
تَنُ اِئين تاڻيل سندس، تَندِ تَپي جنءَ ساج ۾

راتَ مِلي هئي ڪاجَ ۾، ساڙِهيءَ واري ڇوڪري!

ڪاج ـ ڪاڻو
ساج ـ ساز

پُوڄا!

هوا ۾ هُٻاءُ آهي
۽ مون کي پَڪَ آهي
تہ تون اچي رهي آهين
گُلن تي بادل ڪٽي
وَسڻ جا ويس ڪري
تون اچي رهي آهين
انگَ ۾ رنگَ ڀري
ڪاريڊور ۾
ڏيري ڏيري پير ڏري
اِجهوڪِي اِجهو
خوشبو جو آوارا جُهوٽو
توڪان اڳ مون تائين پهتو
اِجهوڪِي اِجهو
توڪان اڳ مون تائين پهتو
تنهنجي چوڙين جو ڇڻڪو
اجهوڪِي اِجهو

ڪمري جي در مان تنهنجو طلوع ٿيو
۽ سڄو ڪمرو
ڄاڻ ڪنهن ٿڌي ٿڌي خوشبو سان واسجي ويو
۽ منهنجو مَن
ڄاڻ مڌر مڌر سُرن سان لين ٿي ويو
۽ منهنجو تن
ڄاڻ روشنين سان رِل مِل ٿي ويو!

هوا ۾ هڳاءُ آهي
۽ مون کي پَڪَ آهي
تہ تون اچي رهي آهين
هٿ ۾ ڪو ڪتاب کڻي
ڪتاب ۾ ڪو گلاب کڻي
تون اچي رهي آهين!
جيسين تائين
تون پهچين مون تائين
تيسين تائين
مان لکندو رهان هِيءَ ڳوِتا
تو جهڙي سُندر ڳوِتا
تو جهڙي ئي
سُرَهِي سَرَ هِي
سُريلي
۽ سُهائِي ڳوِتا
اَتِي ڏيان گيان سان
جڻ ڳوِتا نہ هجي
پُوڄا هجي!

ڪيئَن!

اي جِيين شال! ايترو تہ سُٺاءِ،
آءُ توکان سوا جيان بہ تہ ڪيئَن؟
آءُ خانہ بدوش رول امداد،
تو سوا ٿانئِڪو ٿِيان بہ تہ ڪيئَن؟

جيستائين نہ ڍُڪ ڀرين اُن مان،
آءُ پاڻي ڀلا پِيان بہ تہ ڪيئَن؟
جيستائين نہ چَڪ هڻين اُن مان،
آءُ مانيءَ ڳيو کِيان بہ تہ ڪيئَن؟

جيستائين نہ ٿو وڻان توکي،
پاڻ ئي پاڻ کي وڻان بہ تہ ڪيئَن؟
آءُ سورج مُکي، تہ تون سورج،
ڪنڌُ توکان سوا کڻان بہ تہ ڪيئَن؟

نظم جنهن ۾ هجي نہ ذڪر سندءِ،
نظم اهڙو ڀلا لکان بہ تہ ڪيئَن؟
سِٽَ جا سينڌ جنءَ سِڌي نہ هجي،
سِٽَ اهڙي ڀلا سِکان بہ تہ ڪيئَن؟

زندگي!

زندگي آهي رڳو بس ايتري
يار جي رخسار تي تِر جيتري

مئي گھٽي ناهي، کٽي آ ڪالهہ رات
جيتري تَر ۾ چڏيل هئي تيتري

هُن پڇيو ٻانهون پکيڙي مون چيو:
”پريت منهنجي آهہ توسان هيتري!“

سال نوري سال، ڪَن، وِڪ، چاڙڪي
چاهَہ جي هيءَ راهَہ آهي ڪيتري!

پريت ۾ پڇبو نہ آ ”امداد“ يارَ
ايتري؟ يا هوتري؟ يا هيتري!

15.7.2000

خالي!

اوهين آيا هُئا يا
بهار آئي هئي منهنجي اڱڻ تي
اِهو اڄ تاءِ مون ڄاتو نہ آهي
اوهين مُرڪيا تہ گُلڙن ويس پهريا سهس رنگي
اوهان جي ساهہ جي سُرهاڻ پکڙي
اوهان جي ٺهڪ سان ٽَليُون وڄيون روپيون
ٽِلڻ تي
نچيو هو مورُ من جو
نظارن کي ڏني هئي مات نيڻن جي نظاري
انهيءَ لمحي وِيا سڀ سور ڏک وسري
گذرٽو هو اُهو لمحو وِيو گذري
لڙي ويو سِجُ اولهہ ۾
ڳڙي ڳل تان وِيو ڳوڙهو
ءِ تارو رات جو ٻڏجي
اُهو جڙ لفظ ڪاڳر تي وِيو لکجي
جدائيءَ جي گَهڙي آئي
بنا موڪل گِهڙي گهر ۾

۽ مون کي ياد آيو لڙڪ جو تنهنجي رَئي سان مون اُگهيو هو
اُهو موتي نہ هو هڪ لڙڪ هو ليڪن اُملهہ تي ويو
چيوسين هِڪَ ئي آواز "مِلنداسين وري سائين!"
(لڪائي لڙڪ کِلنداسين وري سائين!)
پري تائين ڏٺم ويندي اوهان کي
۽ نيڻن وانگِيان رهجي وئي پوءِ راهہ خالي
۽ مان
رستي جيان بي حِسِ حرڪت هوس
سيني ۾ هليو پئي ساهُہ خالي!

18.11.2001

تُون!

تُون اُهائي تہ نہ آهين جيڪا
ڪالهہ رستي تي ملي هئي مون کي
۽ چيو هئائين تہ: "ڪيڏو نہ ڳري ويو آهين!"
تُون اُهائي تہ نہ آهين جيڪا
شعر پڙهندي هئي منهنجا ۽ پنل لهجي ۾
مون کي چوندي هئي: "اي منهنجا ڪوي!
ايترو ڪوهہ دُکي آهين تون
پنهنجا سڀ ڏکَ ڏئي ڇڏ مون کي
تنهنجي پلڪن تي ٽڪيل لڙڪ
هليا، آءُ چُمان
ڪنڌ ڪلهي تي لاڙي
تنهنجي ڇاتيءَ تي ڏري هَٿُ ڇڏيان!

"رات کهڙي بہ هجي، جيئن گُهلين، وارَ وڃائي ڇڏيان
جندڙي جيل سهي
ساڻ رهڻ تي چاهيان!
تيل تون ٻڻج تہ وَٽ جيئن ٻرڻ تي چاهيان
پنهنجا سڀ سُکَ ڏئي
تنهنجا سڀ سُورَ سهڻ تي چاهيان

سمنڊ آهين تہ سنڌءِ ٿاهُہ لهڻ ٿي چاهيان!
ٻيو تہ ڪجهہ ڪِينَ ڪرڻ ٿي چاهيان
بس رڳو پريت رڳو پريت ڪرڻ ٿي چاهيان
اِن سِوا ڪجهہ بہ ٻُڌائڻ نہ ٿي چاهيان نہ ٻُڌڻ ٿي چاهيان
ٿُون رڳو گيت رچين
آءٌ رڳو پريت ڪريان!"

تون اُهائي تہ نہ آهين جيڪا
ڪالهہ رستي تي ملي هئي مون کي
۽ چيو هئائين تہ: "ڪيڏو نہ ڳري ويو آهين!"

(هي نظم "تون ئي تون" سلسلي جو هڪ ايپيسوڊ آهي، اهو سلسلو "هلچل" رسالي ۾ ڇپجندو رهيو ۽ اُن مان هتي اُتاريو ويو).

آءُ

پنهنجي گوڏي سان ڪٽي گڏ مون کي
ڪنهن ڊٺل ٻُرج جيان اَڏ مون کي
تون تہ آهين منهنجي منزل سونا
اَڏَ رستي تي نہ هنءَ ڇڏ مون کي

ٻَل تہ ٻَونري جيان پئي ٻيراِئين
ٻَل اِنهيءَ هيرَ ٻَئِي هيرائِين
عرش کان مون کي ٻَلي ڪيرائِين
پنهنجي نظرن کان متان ڪيرائِين!

موج ٿي، آءُ مَڇِي وچ مون ۾
رنگ ٿي، آءُ رَڇِي وچ مون ۾
آءُ گهر آهِيان تنهنجو سونا
بس اَچِي وَڃُ، اَچِي وچ مون ۾!

جوڀن!

ڦوهه جوڀن جو سانوڻي سِنڌُو
تنهنجي ڪپڙن جا بند ٽو ٽوڙي
هِن ڪناري ڪان هُن ڪناري تاءِ
هر سُڪي سائي کي وِيو ٻوڙي!

10.3.1963

هوءَ : امداد حسيني

اِئين!

اِئين سگريٽ جنءَ دُکندو رهڻ دُکندو رهڻ دُکندو رهڻ
.... دُکندو رهڻ دُکندو رهڻ..... منهنجو

ڏِيي جي لاٽ جهڙي سِٽَ سرجيندي
ڏِيي جي لاٽ جهڙي سِٽَ سرجڻ لئِہ
پتنگا_ لفظ ڳوليندي
پتنگا_ لفظ ڳولڻ لاءِ سوچيندي ۽ لوچيندي

ائين لکندو رهڻ لکندو رهڻ لکندو رهڻ
.... لکندو رهڻ..... تولاءِ بس لکندو رهڻ..... منهنجو

اُها ڳِوتا
لکي جا آهہ مون تو لاءِ سا ڳِوتا
ڪڏهن توتاءِ من پهچي سجڻ سائين
پلي پهچان نہ پهچان آءٌ تو تائين!

وري!

هڪڙو ٻيرو
وري اُئين شرمائي
هڪڙو ٻيرو
هڪڙو ٻيرو!

لالِي لَب تي لائي
ڪجل اکين ۾ پائي
دلڙي چَنبي چائي
هڪڙو ٻيرو
وري اُئين شرمائي
هڪڙو ٻيرو

هڪڙو ٻيرو!

ڪِنوڻين کي بہ ڪِلائي
روشنِيون ڦهلائي
جهانجهر کي جهرڪائي
هڪڙو ٻيرو
وري اُئين شرمائي
هڪڙو ٻيرو
هڪڙو ٻيرو!

سَجرا گَجرا پائي
ڳُڻن ڀريو ڳالهائي
جادُو سو جاڳائي
هڪڙو ٻيرو
وري اُئين شرمائي
هڪڙو ٻيرو
هڪڙو ٻيرو!

چوهُہ!

ڪچا ڏاڍا چوليءَ جا، چوهُہ ڏسي ڪو چوليءَ جو!

لِڳ لِڳ تو پاءِ لِيا، چوهُہ ڏسي ڪو چوليءَ جو!
لهر لهر تي ڏِيا ڏِيا، چوهُہ ڏسي ڪو چوليءَ جو!
هِن پر هُن پر چنگ چَڙا، چوهُہ ڏسي ڪو چوليءَ جو!
انت بحر جي ڳلَ نہ ڪا، چوهُہ ڏسي ڪو چوليءَ جو!

ڪچا ڏاڍا چوليءَ جا، چوهُہ ڏسو ڪو چوليءَ جو!

5.4.1963

مگر!

مِلياسين ڪڏهن ڪو نہ گهاٽن وڻن جي ٿڌي ڇانوَ ۾
ٻَڏءِ ڪا نہ سرسبز ڪنهن شاخ تي
ڪا بہ ڳاڙهي رِبن
نہ چاقوءَ سان ڪُرڙي لکيوسين ڪڏهن نانءُ ٿُڙتي
نہ ڪو هَٿُ هَٿ ۾ ڏِنئِہ
ڇپن تي نہ ڪو چَپ رکيئِہ
نہ ڄِڀ سان ڪڏهن ڄِڀ چکيئِہ
اُرهہ کي سدائين رَئي ۾ لڪائي رکيئِہ!

ڪڏهن شام توسان
اَلا ڪا نہ گذري
سمندر ڪناري
ڪڏهن ڇيلهہ ۾ ٻانهن پائي
نہ لهندو ڏٺوسين
ڪڏهن سِجَ کي!

ڪڏهن رات توسان
اَلا ڪا نہ گذري
ڏٺوسين ڪڏهن ڪو نہ اُگهاڙن پُٺن پر
ستارن جَڙيل آسمان!

مگر پوءِ بہ اِنءَ ٿو لڳي
سڄي عُمر تو ساڻ گذري هجي!

هوءَ : امداد حسيني

عاشقي

شاعري بہ عاشقيءَ وانگر هوندي آهي
عاشقي بہ شاعريءَ وانگر هوندي آهي
ڪسي وٺندي آهي چِت جو چَينُ
دل جو قرار
اکين جي ننڊ
۽ ڏئي ويندي آهي
بي چيني
اوجاڳا
۽ بيقراري!
پر
ان بي چينيءَ ۾
جيڪو چين آهي
ان بيقراريءَ ۾
جيڪو آهي قرار
سو شاعر کان سواءِ
عاشق کان سواءِ
ڪير ٿو ڄاڻي؟

شاعري بہ عاشقيءَ وانگر هوندي آهي
عاشقي بہ شاعريءَ وانگر هوندي آهي
۽ شاعري
اوجاڳيل اکين جا خواب ئي تہ آهي!

رات

رات جو دير تاءِ جاڳياسين
پاڻ ۾ جسم روح واڳياسين

فسانو!

مِليںءَ تون، لکڻ لئِہ فسانو ملي ويو،
جِيين شل! جيڻ جو بهانو ملي ويو.

”کنيائون کِلي نيڻ گهرا گلابي“
تہ قارُونَ جو چڻ خزانو ملي ويو!

الائي تہ تعبير ماٺي نہ ماٺي،
اکين کي تہ سپنو سُهانو ملي ويو.

سڄي عمر سجدو نہ ڪاٿي ڪيوسين،
سُتو ٿيو سندءِ آستانو ملي ويو.

نہ هو زندگيءَ جو نہ هو هَڙ نہ حاصل،
مليںءَ تون تہ سارو زمانو ملي ويو.

وئي دل تہ واپس وري ڪا نہ، شايد،
پکيءَ کي نئون آشيانو ملي ويو!

(مصري شاهہ جي سِٽ)

ڏورِ!

سِڪَ سُهائي ڏورِ، ٻَڏي ٻنهي کي وَئِي وَئِي

جيڪا ڳالهہ چوڻ ٿي چاهيم، ساڄن سا ئِي چَئِي چَئِي
جيڪا جيئَن ڪرڻ ٿي گهريم، سڄڻ اُئين ئي ڪَئِي ڪَئِي
لوڪان پاڻ لڪائڻ چاهِي، پڌري پَٽ ٿي پَئِي پَئِي
اڄ تائين کهڙي ماپي سان، مَحبت ڪنهن آ مَئِي مَئِي!

سِڪَ سُهائي ڏورِ، ٻَڌِي ٻنهي کي وَئِي وَئِي!

اچ!

آخري ڪاني بہ آخر وئي ٻري
ٽاندا ٽِيا
ٽاندا ڏِڳي
رَکَ ٿي وِيا
ڳالھہ تنھنجي
ڳالھہ منھنجي
ڪا نہ نِبري
سا نہ نِبري
مان هِڪَ تي
تون ٻِيءَ تي
۽ رات آهي ٽِيءَ تي

مان چِڪَ تي
تون لِڪَ تي
۽ رات آهي سِيءَ تي
مَچ مَچِي رَک ٿِي وِيو!
پاڻ کي
رک ٿيڻ کان جي بچائڻ
جي بچڻ چاهين تہ اچ۔
اچ اچون ٻئي پاڻ ۾
مَچ مَچُون ٻئي پاڻ ۾۔

9.2.2009

پَنو!

ٻَني تي هڪ شعر لکيو مون
پَنو کيسي منجھہ رکيو مون
۽ سوچيو مون
جيئن سياڻي ايندينءَ تون
توکي شعر پڙهائيندس!

تون آئينءَ
ويٺينءَ
ڳالهايئہ
۽ پوءِ واچ ڏسي
پَرس کڻي هلي بہ وينءَ

پَنو کيسي ۾ رهجي ويو
ڪپڙن سان گڏ ڌوپِجي ويو
ليڪن دل جي پَني تي
لکيل آهي شعر اُهو
جيڪو ڌوپِجي ڪو نہ سگھيو
پڙهي سگھين تون ڪاش اُهو!

منظر!

تو جو ڇوڙيا وارَ تہ ڏاڍا جُھڙَجُھڙ الا ٿِي وِيا

ڀرجي گرجي، گرجي ڀرجي بادل برسيا تِر بہ نہ ترسيا
پَٽَ پُسِي ويا، ڪپڙن سان گڏ نيڻ بہ آلا ٿِي وِيا!
پُورَ پُراڻي ڦٽ جنءَ اُٿليا، سُورَ سنوالا ٿي وِيا!

توجو ڇوڙيا وارَ تہ ڏاڍا جُھڙَ جُھڙالا ٿِي وِيا!

تہ!

هُوءَ منهنجو پُڇي رهي آهي
آءُ آهيان هِتي، اَلي ڇڏجوس
آءُ هُن سان مِلڻ نہ ٿو چاهيان
پاڻ اڇڻ جي گُهري، جَهلي ڇڏجوس
هِڪُ ليڪو ڪڍي ڇڏيو وچ تان
ءِ پَرئين پارَ ڏي پَلي ڇڏجوس
ڏَسُ ڪنهن بِيءَ ڏِسِ جو ڏيئي
ٿِيءَ ڪنهن راهہ سان رَلي ڇڏجوس
اِنَ جي باوجود اڇڻ جي گُهري
پوءِ ڪاهِي اڳيان وَلي ڇڏجوس
پوءِ ڪاهِي ٿَپي اڇڻ جي گُهري
تہ ڪٿورِي ڪٽي مَلي ڇڏجوس!

ياد

ٺَنور ڏِينهُن ٺَپِي رَکَ جنءَ ٺيڻ لڳندو
جڏهن ٺَڪِي ٽُٽِي گهر ڏانهن واپسي ٿيندي
اُداس شام جڏهن ڏُونهن ڏُونهن ٿي ويندي
تہ تنهنجي ياد دريون در پيجي هلي ايندي!

تڏهن!

ٽڪرَ ۾ باٿ رُوم منجهان هوءَ يَڄِي يَڄِي
ڪمري ۾ ٿِي اچي ۽ ڪٽي فون ٿِي، تڏهن
چُپ ٿي وڃي ٿِي فون جي گِهنٽي وَڄِي وَڄِي
ٽڪرَ ۾ باٿ روم منجهان هوءَ يَڄِي يَڄِي

مُرڪي ٿي، پوءِ پاڻ ٿِئي ٿِي لَڄِي لَڄِي
آئيني منجهہ آلوبدن ٿي ڏسي جڏهن
ٽڪرَ ۾ باٿ روم منجهان هوءَ يَڄِي يَڄِي
ڪمري ۾ ٿِي اچي ۽ ڪٽي فون ٿِي تڏهن

30.8.2010

انگُ!

تو جو چولو لاٿو هوندو
چنڊ اُرهه ۾ ڦاٿو هوندو
تو جو پاٽي نايو هوندو
پير ڇُمڻ سو آيو هوندو
تو جو ڏوتا هوندا پيرَ
ڇرڪِي پيئِي هوندي ڇيرَ
تو جا ڏوتي هوندي سَٿر
ڦڙو نه بيٺو آٿر پَٿر
تو جو مهٽيا هوندا ڳَلَ
پاڳل ٿي پيا هوندا پَلَ
تو جو چلڙو پاتو هوندو
ڳِيت پپيهي ڳاتو هوندو
تو جا دُهري پاتي هوندي
داڻن پاتي جهاتي هوندي
توجو صابڻ لاتو هوندو
تِرڪِي تِرڪِي ويو هوندو
تو جو انگ اُگهاڙيو هوندو
تاڙڻ وارن تاڙيو هوندو!

لوڪ سِٽَ "اُرهه ڪِڙي تو چنڊ جان، توتر ناهه ٽڙن" کان متاثر ٿي لکيل

آبُ!

تاس جي پَتي جِيان ڪيڏي ڪٽي اُچلي ڇڏيئِه
۽ ڇٽيئِه سئنڊل سان هر احساس کي سگريٽ جي ٽوٽي جِيان
سَڱُ سُرهو گند جي ڪنهن ڍيرَ تي اُڇلي ڇڏيئِه ماچيس جي ڪوڪي جِيان
رنگ تنهنجو ڍنگ ۽ هر روپ هو دُلبي جِيان دوکي جِيان!

هَٽ_ تريءَ جي لِيڪَ هُئي تولاءِ بس پاٽيءَ مٿان ليڪي جِيان
دل اَمُل هُئي پر هُئِي تو لاءِ هڪ بيڪار رانديڪي جِيان
سو اُهو بيڪار رانديڪو هٽي پَٽ تي پيجي پوري ڇڏيئِه
جِيءَ ۾ هُئي جاءِ مون تو لاءِ جوڙي، جِيءُ سو جهوري ڇڏيئِه

سِڪَ جو ڪچو سڳو هِڪ ڇِڪَ سان ٽوڙي ڇڏيئِه
ڏينهن جو سورج مُڪيءَ ڪان سِجَ کي موڙي ڇڏيئِه

قول تو جيڪو ڪيو، سو قول پاريو ڪو نه تو
پيو ته سڀ ڪجهه تو وساريو، ڪجهه ٻه ساريو ڪو نه تو
پر ڦٽن تي لُوڻ ٻُرڪڻ تو وساريو ڪونه ڪو!

جنهن پني تي مون لکي گوِتا هئي تولاءِ، سو
ڪنهن ردي ڪاڳر جِيان ڦاڙي هوائن ۾ اُڏاري تو ڇڏيو
ميڻ بتيءَ وانگِيان سڀ رات مون کي چوٽ کان ٻاري ۽ ڳاري تو ڇڏيو
جيئَرو مون کي رکيو، پنهنجين اکين جو آبُ ماري تو ڇڏيو!.

جي!

ڏَنِيہ مان ڇاٽندس پاڻ کي

اُها ڳالهہ جيڪا اکين ٿي اکين کي ڇٽي
اُها ڳالهہ قاتل قُتل
ڇپن سان سنڌءِ ري لِپ اسٽڪ گلابي ڇپن کي ڇٽي جي سگهان!

ڏَنِيہ مان ڇاٽندس پاڻ کي

سڄو رَتُ ۽ سَتُ چوئي نِچوئي سگهان جي
اُهو لُڙڪ جو تنهنجي ڳل تي لڙيو
اُنهيءَ لُڙڪ کي لفظ۔ موتي ڪري
سِٽ سَرِيءَ منجهہ پوئي سگهان جي
اُها سِٽ سَرِي
سنڌءِ ڪونج جهڙيءَ ڳچيءَ منجهہ پائي سگهان جي!

ڏَنِيہ مان ڇاٽندس پاڻ کي

اُهو ڳِيتُ جو صرف تو لئہ رچيو مون
وڏي واڪ سو ڳيتُ ڳائي سگهان جي

ڏنيہ مان ڇاٽندس پاڻ کي!

ڏنيہ۔ سپاڳو

شاعري!

رُوح جي سڀ تازگي، دل جي خوشي توسان هُئِي
راتَ منهنجي گهر ڏِيَنِ ۾ روشني توسان هُئِي

شاخ تي گُل ٿي ٽِڙيا جُهولو جُهليا ٿي واءُ ۾
لان ۾ سِيتل سُهانِي چاندني توسان هُئِي

تو سوا اهڙو جيڻ، وِهُہ جو وَٽو جهڙو پيڻ
هِن جيڻ ۾ جا رُچي هئي سا رُچي توسان هئي

ميز تي پکڙيل پنن تي لفظ بي معنيٰ هُئا
شاعري جيڪا هُئِي سا شاعري توسان هُئِي

تون هينءَ مون لاءِ اِنءَ جنءَ سنڌ لئِہ سنڌو ندي
روح هو سيراب توسان زندگي توسان هُئِي

عاشقي جيڪا هُئِي سا عاشقي توسان هُئِي
منهنجي معشوقي بہ بس منهنجي مِني توسان هُئِي

بابت

آءُ سوچڻ بہ نہ ٿو چاھِيان جَنھن جي بابت
ھر گھڙيءَ سوچِيان پيو پوءِ بہ تَنھن جي بابت

اَڄ!

جنھن جي ھَٿَ تريءَ تي منھنجي ليکي ڪا بہ نہ لِيڪَ آھي
تَنھن کي منھنجي صحت جي ڳڻتي مون کان بہ وڌِيڪَ آھي
سا ڇا ڄاڻي منھنجي چُپ ۾ ھڪ چيخ آھي، ڪيڪَ آھي

سا اوجاڳيل اکڙين ۾ جاڳيل خوابَ بہ ڪاش ڏسي ھا
مون کي نہ ڏسي ھا، محفل جا آدابَ بہ ڪاش ڏسي ھا
ھِن دل ۾ ڦُٽندڙ رتو رتُ گلابَ بہ ڪاش ڏسي ھا

جن جي سُرخي ھُن جي لاءِ لکيل شعرن ۾ اوتِي مون
ڇڙواڳ ھوائن ۾ رکي اُجاگر جيون جوتي مون
پڇي پُري ويو آھيان ليڪن سچو رکيو مَن موتي مون

ڇاڪاڻ تہ اُن مَن موتيءَ ۾ ھُن جي صُورتَ مُورتَ ھُئي
ڪي ڏينھن ھئا، جو مان ھُن جِي، منھنجي ھُوءَ ضرورَتَ ھئي
ھُن بِن منھنجي، مون بِن ھن جِي ڪڏھن بہ ڪا بہ نہ پُورت ھُئي

پنھنجا ٿھڪ ڏئي جا مون کي، منھنجا ڳوڙھا رُوندي ھئي
ھِنءَ لُوڻ نہ ھئي، منھنجن زخمن لاءِ پَھي جنءَ ھُوندي ھُئي
اڄ سا آھہ پَرائِي، جيڪا مون کي پنھنجو چُوندي ھئي

ڪڏهن!

ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل! ها، ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل!

ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل تون بنا ارادي جي
بغير وقت ڏني ۽ بغير وعدي جي

ڪڏهن اِئين بہ هلي آءُ اوچتو گهر تي
۽ ٻور ٻيل وجھڻ ڪان اڳي مِلون در تي

ڪڏهن اِئين ئي اچي ڪار منهنجي پرسان جَهل
رڱي ڇڏي ٻنهي ڪي مور ڪنپ جهڙو پَل

ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل! ها، ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل!

بغير فون، بنا خط، بنا نِياپي جي
اِئين ئي واڪ ڪندي، ڪنهن بہ رات رستي تي

ڪڏهن اِئين ئي پُٺيان هَٿَ اچي اکين تي رَکِ
ڇپن تي ڇَپَ رکي پوءِ ڄِپَ ڄِپ سان ڇَڪِ

طلوع ٿي پئو ڪنهن صبح جيئَن در مان تون
اِنهيءَ اُميد تي هر رات آهہ ڪاٽي مون

ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل! ها، ڪڏهن اِئين بہ تہ مِل!

ڳوِتا

رُت مهڪي هئي ڪنهن جي لاءِ؟
پنهنجي حصّي ۾ ساڳيا ئي
آئي هئي تنهائي
تو بہ ڪڏهن مهڪيل رُت ۾ تنهائيءَ جي پِيڙا پوڳِي؟
مهڪيل رُت ۾ تنهنجي اندر ۾ بہ ڪڏهن سناٽا ڳُونجيا؟
سُڏڪن جا
ٿهڪن جي سُڏڪن جا
پنهنجو پاڻ تي ڏنل ٿهڪن جا سناٽا!
هاها..... هاها..... هاها...!!!

اِن پِيڙا جي ڳوِتا لکندي
مون ڪالهوڪي رات وِهائِي
پر هيءَ رات اَڄوڪِي
سناٽي جو ڄار
اُٽي ٿي چوڌار
اُنهيءَ کي ڪيئَن اُڪاريان؟
سورج ٻڻجي
اِهو ڏَسي وڃ مون کي!

23.9.2009

شايد!

توکي شايد ياد هجي
اُن ڇُهچ سائي وڻ جو ٿُڙُ
جنهن تي پاڻ
ڪَپَ سان ڪُرڙي
پنهنجو نانءُ لکيو هو!
اُن ٿُڙَ تي ڏار هئا
هِڪَ ڏار تي
تو ٻه ٻڏي هئي سُرخ رِبن
۽ وڻ ٻورُ جهليو هو
۽ تو پينگهه لُڏي هئي

توکي شايد هجي!

6.10.2009

تصوير

ترَسِيَل آهِيُون جنهن ڪمري ۾
بيڊ جي سامُهُون اُن ڪمري ۾
هڪڙي تصويرَ ٽنگيل آ پِٽ تي
معجزو آهه ”پِڪاسو“ جي هٿن جو اها تصوير
ٽنگيل آهه جا ديوار تي اُن ڪمري ۾
بيڊ جي سامُهُون
جاڳان ٿو ته پهرين ٿي نظر اُن تي پئي
۽ سُمهان ٿو ته اُن ڪي ئي ڏسي
اها تصوير نِيوڊ آهه الائي ناهي!
(هڪ چترڪار جي اک ايشوري اک آهي)
هڪڙي نار آهه پُنِيري وينل
جنهن کي فطرت جو لباس آهه پِيَل
وار کُليل ۽ ڪُلهن تي ڍاريل
(اک اُگهاڙي اگر آهي ته هر اوچڻ ٻه انهيءَ لِئِه اوگهڙ!)
ڇو الائي اِها تصويرَ ڏسي
مون کي پنهنجون ئي سِٽُون ياد آيون:
”منهنجي ڪمري مان ڪٽي وئي آهين
پنهنجي تصويرَ کي پِٽ تان لاهي
دل جي ديوار تي اج ڏينهن تائين

تنهنجي تصوير ٽنگي پئي آهي!“
ٺيڪ اُن پَلَ اهو سوچيان ٿو
تہ سندم سامهون ديوار تي اُن ڪمري ۾
تنهنجي تصوير ٽنگي ڪنهن آهي؟!
۽ تڏهن ياد اچي ويو مون کي ”اقبال ترين“
جنهن ”گوِيتا جو پڪاسو“ چيو هو ڪالهہ مون کي محفل ۾
منهنجي ئي مانَ ۾ محفل جا سڏائي وئي هئي
پر اُنهيءَ کان بہ اڳي
ٻِي بہ هستي هئي، جنهن مون کي گوِيتا جو مُصوّر هو سڏيو
اِها تصوير اُنهيءَ جي تہ نہ هئي!

(7.2.2014)

جاڳڻي ويئي هئي پاڻ سان پٽ تان لاهي
۽ وري پاڻ ٽنگي وئي آهي!

(10.2.2014)

ٺيڪ هِن مهل اِهو سوچيان ٿو
‘ڪنهن جنم ۾ متان
آئون ئي پڪاسو تہ نہ هوس!؟
شاعري شيڊز ۽ رنگن ۽ لڪيرن ۾ ڪندو هوس تڏهن
هاڻ لفظن جو مُصوّر آهيان!’

(10.10.2014)

پوٽو ميڪ ڳوٺ_ واشنگٽن ڊي سي_ آمريڪا

پوٽو ميڪ، ميري لئنڊ، واشنگٽن ڊي سي_ آمريڪا.

چنڊ

چنڊ چمڪي پِيو اڱڻ جي مٿان
آءُ گهوري ويان سڄڻ جي مٿان

يا!

يا رهي پئو يا وٺي هل پاڻ سان!
چو ڇڏيو مون کي وڃين ٿي هيڪلو
تو سوا سارو سُڃو آهي جهان
ڳالهيُون آهن ستارن کان وڌيڪ
وقت سِنڌُو سِيرَ جنءَ هر دم روان
حُسن گُل آهي وڃي ڪومائجيو
عشق ئي آهي سدائين جو جوان،
بس وڌيڪ اِن کان ڀلا ٻيو ڇا چوان؟
يا رهي پئو يا وٺي هل پاڻ سان!

تون هلي وينديءَ ته ڇا رهندو ڀلا!؟
هيءَ زمين هوندي ۽ هوندو آسمان
۽ ستارا لڙڪ هوندا جانِ جان
سي ستارا لڙڪ اکڙين ۾ ڪِڙيا
۽ پني تي لڙڪ لفظن وانگِيان
تي پِيا، ۽ سِٽَ جي ڳهه ۾ جَڙيا
جڳمڳائيندڙ اَمُل ڪنهن نَگ جيان
بس وڌيڪ اِن کان ڀلا ٻيو ڇا چوان؟
يا رهي پئو يا وٺي هل پاڻ سان!

چِٽ سدائين سوچيو توکي ڏسي
هُو ٻـ هُو هڪ نظم تو جهڙو لکان
من اَٽيهي چاهِيو توکي پَسِي
ٻُڪَ ۾ تنهنجو مُبارڪ مُک رکان
۽ سنڌءِ اکڙين جي گهري سمنڊ ۾
پيو ٻُڏان اُپڙان ٻُڏان اُپڙان ٻُڏان
تون قُتل قاتل چپن تي، رَس ڀَريل
چَپ رکين تان جِيءَ ۾ جُهومي پوان
بس وڌيڪ اِن کان ڀلا ٻيو ڇا چوان؟
يا رهي پئو يا وٺي هل پاڻ سان!

”نِشوا“

ڪنهن ڪاج منجهہ ڳوٺ ۾ ”نِشوا“ مِلي هُئِي
پنهنجو پُڇيائين نانءُ ۽ مون تي ڪِلي هئِي:
”وسري وڃي ٿو نانءُ اوهان کان ڳوِي سندم!“
جيڪي چوڻ گهريم تي چِڙِي ڪونہ سوسگهيس
’ها، نانءُ تنهنجو ياد برابر نٿو رهي
پر نيڻ تنهنجا ڪونہ ٿا وسري سگهن ڪڏهن!‘
”نِ شِ وا!“ ٻڌاءِ نانءُ تي هڪ هڪ اکر ڪري
۽ مون چيو تہ ”هاڻ سندءِ وسرندو نہ نانءُ
تنهنجو ئي نانءُ وِرد سڄي وات پيو ڪندس
”نِشوا“ ڪندس پيو رڳو ”نِشوا“ ڪندس پيو!“

حِدرآد تاءِ ڳوٺ کان جيڪو مفاصلو
آهي اُهو تہ ڪٽجي وڃي ٿو ڪلاڪ ۾
’ڇا زندگيءَ جو ناهہ اِهو ئي مفاصلو؟!‘
توکان پُڇڻ گهريوم، پُڇي ڪونہ پر سگهيس
تون ڳوٺ ۾ ۽ آءٌ هِتي راهہ ۾ هُئس
اُن ويرَ تنهنجا نيڻ وري ياد آئِيا
۽ پوءِ ڪجهہ بہ ياد رهيو مون کي ڪونہ ڪو
گنجو ٽڪر، نہ رات، نہ رستو نہ فاصلو
بس تنهنجا نيڻ ئي هُئا بس نيڻ نيڻ نيڻ
ملنديءَ تہ ياد نانءُ سندءِ هوندو ڪونہ ڪو
پر نيڻ تنهنجا مون کان ڪڏهن ڪونہ وسرندا!

27.3.2015

سُمِيتُ!

گيڙوءَ رَتڙو گِيتُ،
۽ اُن ۾ اظهارِيَل۔
تون ئي مِيتُ سُمِيتُ!

هيڏانهن نہ هوڏانهن،
تون تہ ڏسين پئي چنڊ کي۔
آءٌ تڪيان تو ڏانهن!

ڇاجي ”تون“ ”مان“ هاڻ؟
هڪٻئي جو اوبارو۔
پِيتو آهي پاڻ!

اُوشا!

ڪنول اکڙيون کڻي نهار ڪڻي
پيارَ مان مُرڪ سُرڪ پيار ڪڻي

هيڪلي رات ڪنءَ گذاريندينءَ
چنڊ کي پاڻ سان سُمهار ڪڻي

جي سَڏي ڪو نہ ٿو سگهين هُن کي
پاڻ ئي پاڻ کي پُڪار ڪڻي

تون بہ هوندينءَ قرار سان ڪهڙو
چين منهنجو کَسي، قرار ڪڻي

مفت ۾ جي نہ ٿِي رکڻ چاهين
ڪر مقرر سندم پگهار ڪڻي

رات حد کان وڌي وئي آهي
اوءِ اُوشا اُرهہ اُپار ڪڻي

فنڪشن

مون ڏي هڪ وار نهاريو نہ ٿيئہِ
آءُ سَو وار نهاري بہ چُڪس
پُلجي سُلجي بہ ڏِنئِہِ ڪو نہ اَلا
دل جو آئينو اُجاري بہ چُڪس

ڪنءَ نہ ڄاڻي ٻِجهي اُن محفل ۾
اِڻ سڃاڻو ٿي وينءَ منهنجي لاءِ
تون تہ سيڪجهہ هُينءَ مون لئہ ليڪن
آءُ ڪجهہ ڪو نہ هُئس تنهنجي لاءِ

مُرڪ جي سُرڪ لئہ سِڪندو ئي رهيس
نيڻ پياسا هئا پياسا ئي رهيا
۽ سنڌ ِ ساٿ نہ هو ماڳ نہ هو
صرف رستا هئا رستا ئي رهيا

هِن کي هُن کي بہ ڏنئہ ٿي ور ور
در درين کي ۽ پِٽين کي بہ ڏنئہ
اڻ لکوئي سهي، هڪ اڌ پيرو
نہ ڏنئہ مون کي، چِٽين کي بہ ڏنئہ

جيڪو هر هر ٿي ڪِريو ڪُنڊ وٽان
اُهو اسٽيج تي بينر بہ ڏنئہ
جنهن کي چوندا ئي هئا پَوٽا پنج
سو اُهو چِٻَ مِنسٽر بہ ڏنئہ

در جهلي آءُ تہ بيٺوئي رهيس
تون ٻِئي در منجهان اُلَهِي بہ وينءَ
آءُ تو ڏانهن وڌيو هوس مگر
تون ڇڙهي ڪار ۾ اُسَهِي بہ وينءَ!

گيت

توکي سوچيندي سوچيندي
تولئہ لوچيندي لوچيندي
ننڊ نہ آئي
خواب نہ آيا
اتيت جي پُستڪ جا
بس مون ويٺي ورق ورايا
۽ سڀ ياد آيا
سي لمحا جي توسان گذريا
اُتر لڳا ۽ سَر نِسريا
ڪُونجن ڪيٽيءَ تي ڪُٽڪاريو
مانجهيءَ ٻيڙيءَ ۾ جُهونگاريو
تَن جي تاسَ ڪٽي مان مَن ۾
مَن جي پياسُ ڪٽي تون تَن ۾
ڏُور ڏِسائن ڏي گهُورِيندي
تو سُر ٻاٽيو:
”ڇا ڏرتي ۽ آڪاس ملن ٿا؟“
”ها!“ مون آکيو هو:
”تنهنجن نيڻن منجهہ ملن ٿا!“

تو مُرڪيو ڳَل تي ڇُگُهہ پِيو
سڀ منظر چَپ تي گيت ٿِيو!

پَر!

هوءَ، جنهن منهنجي من ۾
چاهہ جي چٽنگ ڏڳائي چڏي آهي
۽ تيز هوائن
اُن کي پيڙ ڪري ڇڏيو آهي
اُن کي وسائڻ تہ پري رهيو
پر ڇا هوءَ اُن تي هٿ سيڪڻ بہ نہ ايندي!

سواءِ!

سيڪجهہ ٿي سگهي ٿو
سواءِ۔
پنهنجي ملڻ جي!

هي جي ٻاڙها ٻَلَ،
نهارَ پئي ٿي ماٺِيا۔
پيرُن جهڙا پَلَ!

هي جي تنهنجون ٻالَڙيون،
دودَ ڦُلن جي وَلِ سان۔
ڪِيريون ڳُرگالَڙيون!

هيرايان!

لاٽِمان ڏور وجهي ڦيرايان
توکي هيرايان هليا هيرايان
چند ميرانجهڙا موتي آخر
ڪٿي ڪيرايان ڪٿي ڪيرايان!؟

(لاٽِمان_ لاٽون)

جيون!

جيڪڏهن تون نہ مِلين، آءٌ مِلان پوءِ ڪنهن سان؟
چاهِيان لڙڪ لڪائڻ تہ کِلان پوءِ ڪنهن سان!

تون نہ چاهين تہ پلا چاهِيان ڪنهن کي آئون؟
مون تہ توساڻ لِڪئي جون لڏيون آهن لائون!

ڪنءَ چوان آءٌ تہ توکان سواءِ ڇا ٿو پانيان؟
زندگي توکان سواءِ آءٌ سزاٿو پانيان!

سچ پڇين توکان سوا جاڙ لڳي ٿو جيون،
ٽِڪي، گهري، ڇِتي ڪا تاڙَ لڳي ٿو جيون!

هاڻ

هاڻ اک کا نہ ٻُڏي ٿي جي اسان ۾ ڪنهن جي
پاڻ ئي پاڻ ٻُڏي ٿا وڃون ڪنهن جي اک ۾ !

هوءَ : امداد حسيني

گوري!

هي جي تنهنجا چَپَ آَلا
چَپَ تہ ماکيءَ مَپَ آَلا

هي جي تنهنجا نيڻَ آَلا
سَچلا سڳا سيڻَ آَلا

مِنڙي مِنڙي مُرڪَ آَلا
امرت رس جي سُرڪَ آَلا

ڪارا ڪارا وارَ آَلا
ڪڪرن ڪارونپارَ آَلا

هيءَ جا تنهنجي ٿورَ آَلا
ماندا جنهن تي مورَ آَلا

هي جي تنهنجا انگَ آَلا
انبلتي سَت رنگَ آَلا

گورِي هيءَ گفتارَ آَلا
جهڙي ماکيءَ لارَ آَلا

مُکيارِي!

جيڪي پنا
تنهنجي لاءِ لکيامون
سي تون
بِنا پڙهڻ جي
ڦاڙڻ چاهين
ڦاڙي ڇڏجان
ساڙڻ چاهين
ساڙي ڇڏجان
پوءِ هوا ايندي
۽ ساري رَکَ اُڏاري ويندي
۽ توکي ڪجهه به نه ڪرڻو پوندو!

ورتاءُ!

هٿ وڌايو مون تہ پنهنجو هٿ هٽائي تو ڇڏيو
مون وڌيل هٿ کي ڏنو پوءِ بند مُٺ ۾ سو ڪيو
اِنءَ لڳو هو جڻ ڪرائيءَ کان ڪٽائي تو ڇڏيو
هٿ وڌايو مون تہ پنهنجو هٿ هٽائي تو ڇڏيو

ها، ڦُلن چانيل اُهو رستو مَٽائي تو ڇڏيو
ڏوهہ کهڙو پاڳ جو جيڪو ڪيو سو تو ڪيو
هٿ وڌايو مون تہ پنهنجو هٿ هٽائي تو ڇڏيو
مون وڌيل هٿ کي ڏنو پوءِ بند مُٺ ۾ سو ڪيو!

هَليا!

هَليا لُڙڪ پنهنجا لِڪائي ڇڏيون
هَليا ٽورڙو مسڪرائي ڇڏيون

ڳنا تار پرجي وِيو آهِيان
هَليا ڇَپ ڇَپن سان مِلائي ڇڏيون

ستارا اچا جڳمڳائن پِيا
هِليا تن بدن جڳمڳائي ڇڏيون

ٻرن ٿا ڏِيا جيئن سَنجها سَمئہ
اکيون راهہ ۾ ٿا وڇائي ڇڏيون

هَليا هڪڙِئي کي، لَڪُون ۾ لَڪِي
وري هڪڙئي ۾ وڃائي ڇڏيون

هَليا اَڄ ٽيئٽي ٻہ ٽيئٽي ڪريون
وِيَل ويلَ کي اچ ورائي ڇڏيون

ٿُون!

هيڏي هوڏي
جاڏي ڪاڏي
هِت هُت جِت ڪِٿ
سوچ لوچ ۾
ننڊ جاڳ ۾
واس وَنَ ۾
تَنَ مَنَ ۾
پورَ پورَ ۾
لنءُ لنءُ نَس نَس
رڳ رڳ ٿُون ئي ٿُون آهين
ٿُون جامُون ئي مُون آهين!

شايد!

زندگي جيڪڏهن رهي تہ ڪڏهن
ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ڪٿي نہ ڪٿي
پاڻ ٽڪرائجي وڃون شايد!

پل اَپل هڪِبئي جي ڇهري تي
صرف هڪ اجنبي نهار اُڇلي
ٻہ مخالف ڏِسن ۾ رستي تي
پاڻ اڳتي وڌي وڃون شايد!

بلڪ!

ٻانهَن ٻانهَن ۾
هَٿُ هٿن ۾
چَپَ چپن تي
ڪو نہ ڏنئِہ
سَڏ ۾ سَڏ
گوڏو گوڏي سان گڏ
ڪو نہ ڏنئِہ
ڪجھ ڪو نہ ڏنئِہ
بس
ٽڏڙو ٽڏڙو ساھہ ڏنئِہ
ڇرين جهڙو چاھہ ڏنئِہ
مِنڙو مِنڙو سُور ڏنئِہ
ڪجھ گهاءَ ڏنئِہ، ڪجھ گيت ڏنئِہ
ڪٿ هار ڏنئِہ، ڪٿ جيت ڏنئِہ
ڪجھ نظم ڏنئِہ
ڪجھ زخم ڏنئِہ
باقي لُوڻَ لَپُون
سي ماڻهو آهن
ماڻهو؟
بلڪ ڪُماڻهو آهن!

هاءِ!

منهنجي هروپرو جي ڳالهين تي
ڪِنوٽين جهڙي ڪِلَ ڪِلي هئي
ڏينهَنِ ڪان پوءِ هوءَ مِلي هئي
سو ٻہ رڳو ڪَن پَل جي لاءِ
هاءِ!

ڳُل تي ماڪ ٻہ سچو موتي
موتي موتي سورج جوتي
ڳوڙهو منهنجي ڳَل جي لاءِ
هاءِ!

هٿ هٿ هٿ هٿ ٿو هر ٿو هر
ٿو هر هٿ ۾ پٿر پٿر
پٿر مون پاڳَل جي لاءِ
هاءِ!

جُدائي!

هِي رات جا اَڌائِي
ساري سُتل خُدائِي
چوڦير سُڪ نِوائِي
اوجاڳِيل اکين سان
جاڳي پَئِي جُدائِي!

وَچن!

تو تہ چيو هو:
”گڏ کِلنداسين گڏ رُونداسِين
ڏُک ۾ سُک ۾ گڏ هُونداسِين
ڳل ڳل ڳوڙهن سان ڏُونداسِين
سچ ٻُڌنداسين، سچ چُونداسِين!“

تو تہ چيو هو:
”گڏ ٻُڌنداسين، گڏ تَرنداسِين
گڏ جيئنداسين، گڏ مَرنداسِين
ڏيئي وَٽ جنءَ گڏ ٻَرنداسِين
چا بہ ٿئي پر پَت پَرنداسِين!“

تو تہ چيو هو......

پاڻ!

پاڻ نوان ناهيون،
هِن کان اڳ ۾ پيي ڪٿي-
پاڻ مِليا آهيون!

هي پٽرائون پَٽُ،
پَٽُ لڳو هو پَٽَ جنءَ-
هٿ ۾ تنهنجو هَٿُ!

هِيءُ ڪنن ۾ دُرَ،
چمڪن دمڪن، چڻ هجن-
ديپڪ وَرٽا سُرَ!

پَٽُ-زمين، پَٽُ-ريشم

ڱلا!

ڪوي آهي پريمي ۽ ڪويتا پريمڪا آهي
وِڏاتا،ستيہ ،اَت سُندر،اَڏِڪِ اُتم ڱلا آهي

نہ ڪو دکشڻ، نہ ڪو اُتر، نہ ڪو پورب، نہ ڪو پشچم
چون ٿا پريت جنهن کي سو اُها پنجين دِشا آهي

اها اِندر ڏُنش، ست رنگ پنهنجي پريت جا آهي
پراچين آهہ جيڏي، نت نئين تيڏي ڪٿا آهي

سُهائي رات آهي، آءُ تون آهيون، هوا آهي
اِهو پل بس اِتي بيهي رهي اهڙي دعا آهي

ستارن سان سجائي سينڌ سَجَڻِي، چنڊ جُهومر ڪر
اڄوڪي رات پنهنجي آهہ اڄ سڀ ڪجهہ روا آهي

خدا آهي مُحبت خود، مُحبت خود خدا آهي
اِهائي ابتدا آهي، اِهائي انتها آهي

بِنا چاهي بہ دنيا ۾ اچي پَرگهٽ ٿِيا آهيون
سُجهي ئي ڪا نہ ٿي بِي ڪا، اِها هڪڙي خطا آهي

اُگهاڙي پُٺِ پَر ليٽِي ڏٺم جنهن سان ستارن کي
ملي ٿي هاڻ جهڙوڪر مِڙوئِي آشنا آهي

اَجهاڳ اِن وقت جي ساگر منجهان هڪ بُوند پياسي لئِہ
اسان جون حُجَتُون کهڙيون فقيراڻي صدا آهي

ڏٺم هُن کي جُڳن کان پوءِ جنءَ، تنءَ پئي يَڪو سوچيم:
”اُها ناهي! اُها آهي! اُها ناهي! اُها آهي!.....“

وِڏاٽا_ لکئي جو ليک لکندڙ
ستيہ_ سچو
اَت_ گهڻو
اَڏڪ_ وڌيڪ
اِندر ڏنش_اندلٺ
پراچين_آڳاٽي.

هَيءِ!

ڪنهن کي ڪهڙي ڳالَ؟
پِيلن پَنن جان ڇڻيا_
توبِن سارا پَلَ!

هَيءِ! پٿرائون پَٿُ،
ٻانهن نہ تنهنجي ٻانهن ۾_
هَٿَ نہ تنهنجو هَٿُ!

ڳُلَ ٻہ آهن ڳُلَ،
پر تنهنجي هُٻڪارن جا_
هُلَ ٻہ آهن هُلَ!

دِلڙِي!

سِڪ سيراندِي
سِڪ پيراندِي
هِڪَ هيين ۾ هيڪاندِي ڙي
توبِن دِلڙي
دِلڙِي آنِدي ماندِي ڙي!

چوڏهينءَ چنڊ چڙهي چوڌاري
چانڊوڪيءَ جي چَونري هاري
چوڏس ڇِتي ڇاندِي ڙي
توبِن دِلڙِي
دِلڙِي آندِي ماندِي ڙي!

ڏُور ڏُکيءَ ڪان پَل تون آهين
هينئڙي ۾ پر حَل تون آهين
برهہ ڪئي جا ٻاندِي ڙي
توبِن دِلڙِي
دِلڙِي آندِي ماندِڙي!

پُورَ ٻہ آهن پُورن جهڙا
سُورَ ٻہ آهن سُورن جهڙا
ويرَ نہ ڪا ويساندِي ڙي
تو بِن دِلڙِي
دِلڙِي آندِي ماندِي ڙي!

وِٽي!

هونئَن تہ تو ۾ مون ۾
وارُ وِٽي ڪا ناهي
پوءِ بہ ايئَن لڳي ٿو
جڻ تون ءِ مان
ڏکڻ اتر آهيون
اولهہ اوڀر آهيون!

ڳالهہ

تنهنجي وارن جِيان ويڙهيل ئي رهي جي تہ ڇڳو
ڳالهہ کُلندِي تہ ڪَئِين ڳالِهيُون کُلنديون وينديون

ڪِيئن هر رات ڏِيي جِيئن جليا جاڳياسين
هِيرَ گُهلندي، بہ تہ سارُوِٽيُون گُهلنديون وينديون
ڇا ڪيئِہ؟ ڇا نہ ڪيئِہ! هاڻ اها ڳالهہ نہ ڇيڙ
لڙڪ لڙندو تہ ڇِتيون ڇولِيُون ڇُلنديون وينديون

تنهنجي وارن جِيان ويڙهيل ئي رهي جي تہ ڇڳو
ڳالهہ کُلندِي تہ ڪَئِين ڳالِهيُون کُلنديون وينديون

رَڪَ ۾ ڇٽنگ جِيان دل ۾ رهڻ ڏي دانهون
حشر هُل وانگِيان هُلنديون بہ تہ هُلنديون وينديون
دُونهن دوزخ سندو پنيور ۾ پرجي ويندو
خواهشون روهَہ ۾ سسئيءَ جِيان رُلنديون وينديون

تنهنجي وارن جِيان ويڙهيل ئي رهي جي تہ ڇڳو
ڳالهہ کُلندي تہ ڪَئِين ڳالهيُون کُلنديون وينديون!

رچنا

سَوَنِ هزارن
لکن ڪروڙن
سانجهين کان
راتين کان
۽ صبحن کان
الاءِ ڪڏهن کان
شايد
جنم جنم کان
بس هڪڙو ئي
نِس پِس
تو جهڙو ئي

گيت رچيم پئي
اُن ۾
توکي من جو مِيتُ چيم پئي!

سانجهين تولئه
نيري نَڀ تي ديپ ستارن جا ٻاريا
راتين تنهنجا
وِرهه ڪنان ٻه ڏکها ۽ ڪارا وار سنواريا
صبحن تنهنجي مُک مان سُرخ سويرا آڻي ڳوٺ، شهر، گس گهِٽيون، گهر گهر اڱڻ اُجاريا
۽ مون ڪِرڻا ڪِرڻا لفظ سهيڙي
گيت رچيو پئي
اُن ۾
توکي من جو مِيتُ چيو پئي!

20.7.2013

سُور

هاڻ جو سُور اٿم سيني ۾
سو پني تي بہ لکي سگهندس ڇا
داڻُ وردانُ سَرل ۽ سونِي
سا سچي سِٽَ سِکي سگهندس ڇا

هاڻ جو لڙڪ اٿم پنبڻن ۾
کو ڇَپن ساڻ ڇُمڻ ايندو ڇا
چاهَہ جي آهہ گهٽي سينڌ سمان
کو گهٽيءَ منجهہ گُهمڻ ايندو ڇا

وقت پٿر تي وِيو آهي جو
اُهو پٿر بہ ڏِکيندو کوئي
سُورَ کي سَٽَ ڏئي سيني مان
سِٽَ سَهہ رُوپُ ڇِکيندو کوئي

هيءَ جا رات مٿان پئي آهي
سا وِهامي بہ تہ ويندي آخر
هيءَ جا شمع ٻري ٿي مون جنءَ
سا اُجهامي بہ تہ ويندي آخر

کَن اَکَن لاءِ تہ دُونهون هوندو
پوءِ پَنو صاف لڳو پيو هوندو
۽ سندم هانوَ جيان پني تي
پينَ جو نِبُ پڳو پيو هوندو!

www.sindhsalamat.com

اوچتو!

اوچتو پاڻ پري ٿِي وياسين
ڇَپَ ۾ ڇَڪُ وجهي ڇڏيوسين
زهر جو ڍُڪُ پري پِي وياسين
اوچتو پاڻ پري ٿِي وياسين

مُنهن پَکو پاڻ کري جِي وياسين
من ٻڌو هو تہ کڏهن اَڏيوسين
اوچتو پاڻ پري ٿِي وياسين
ڇَپَ ۾ ڇَڪُ وجهي ڇڏيوسين!

www.sindhsalamat.com

مطلب!

جيڪڏهن
اِئين ٿي ٿِيئَڻو هو
۽ توکان سواءِ ٿي جِيئَڻو هو
تہ پوءِ پاڻ ملياسين ٿي ڇو؟
يا تنهنجي مِلڻ جو
هروڀرو جي ڳالهين تي کلڻ جو
ڪُلهن تي وار ڇوڙي ڇڏڻ جو
گوڏو گوڏي ساڻ گڏڻ جو
ٻَڪين پوڻ جو
مون کي پنهنجي راتين جي چنڊ چوڻ جو
ڪو بہ مطلب نہ هو
۽ جي نہ هو
تہ پوءِ جيئَڻ جو ڪهڙو مطلب هو!

مِلڻ!

ڪيترين شامُن ۽ راتين
ڪيترن ڏينَهن پُڄاڻان
مُرڪندي ۽ مَرڪندي
ڪيڏي اُڪير ۽ سِڪَ سان تو ساڻ مان آهيان مِليو
جنءَ مِليس توسان تہ مون کي اِنءَ لڳو
ڄڻ پاڻ سان آهيان مِليو!

هوءَ: امداد حسيني

هان!

هان ڀڄي ڀور ٿيو ڪيو جو هان
هان ٿِڪر جو ٿـ ڪو نـ هو ڪو ٿان

وارُ جن لئِـ ڪيا وِڇاڻا ٿو
ڪنءَ نـ تن تي رهي ڪڪر جي ڇان

سِڄَ اُڀريا لٿا، لٿا اُڀريا
سارَ تنهنجي اُها، اُهوئي مان

صرف تو کان سوا سڄڻ سائين
پاڻ پنهنجو وڃي پُڇون ڪنهن کان

نان اسان جو رهي، رهي نـ رهي
سنڌڙيءَ جو رهي سدائين نان

رُڳو!

رُڳو مانيءَ جي بُک لڳندي نـ آهي
رُڳو پاڻيءَ جي اُڃ لڳندي نـ آهي
مِلڻ جي پڻ لڳي ٿي بُک
ڏسڻ جي پڻ لڳي ٿي اُڃ
اها ٻي ڳالهہ آهي
تـ مانيءَ سان تـ ڍَو ٿي ٿو وڃي سائڻ
تـ پاڻيءَ سان اُجهامي ٿي وڃي اُڃ
مگر توسان ملي ڍاپي نـ ٿو ڍاپان
ڏسڻ سان اُڃ اُجهامي ڪا نـ ٿي،
پڙڪي پوي ٿي!

4.3.2000

پلي!

ها، پلي لفظ نہ ڏي، لُڙڪ ڏَئِي وڃ مون کي
ها، پلي پيار نہ ڏي، پُور ڏَئِي وڃ مون کي
ها، پلي سِڪَ نہ ڏي، سُور ڏَئِي وڃ مون کي
ها، پلي گيت نہ ڏي، گهاءُ ڏَئِي وڃ مون کي
ها، پلي نظم نہ ڏي، زخم ڏَئي وڃ مون کي
۽ اُنهي زخم مٿان لُوڻ بہ ٻُرڪي، مُرڪِي
هاڻ اڳتي نہ ملڻ لاءِ چَئِي وڃ مون کي!

تنهائي

ڪو نہ چڏيندو ساڻ،
لُڏَڻِ اهڙي لوڏَ تي۔
ٽيڙُو لِڪندو ساڻ!

اوندهہ ۾ چِمڪُون،
تون، مان، پنهنجو ٻارڙو۔
ٽيڙوءَ جنءَ ٽِمڪون!

هيءَ جا تنهائي،
محبوبا آهي ڪا۔
يا آهي مائِي!

(مائي۔ماءُ)

گُلُ!

باک پِنيءَ جو شبنم جنهن کي وهنجاريو سهنجاريو هو
سو گُل آندو هوم تہ تنهنجن پنبين منجھہ سجائيندس
۽ پوءِ اُن تي پَونرو بڻجي ڦيرا پيو مان پائيندس
نِس پِس اُن گل جهڙو گيت گلابي ڳائيندس

پر تنهنجن پنبين وارن ۾ گُلُ اڳيئي ٽانڪيل هو
گُل جتي سجائڻ چاهيو هوم، اُتيئي ٽانڪيل هو
ليکن اُن گُل جي لالي گُل تائين محدود هئي
تنهنجي ڳَل تي تہ اُهائي ساڳي هيڏ پئي هئي هاري
پر مُرکي مُرکي پوءِ بہ نيائي تو پئي دنيا داري

گُل جو آندو هوم تہ تنهنجن پنبين منجھہ سجائيندس
۽ پوءِ اُن تي پَونرو بڻجي ڦيرا پيو مان پائيندس
نِس پِس اُن گُل جهڙو گيت گلابي ڳائيندس
چا، اُن گُل کي چپٽيءَ ۾ ئي مهٽي سهٽي چڏيان ها؟
ها، پَلُ اَ پَل، کَن اَکَن پُوراِهو بہ پِيو هو دل کي
سَچُ پُڇين پُور انهيءَ تي سُوراِهو بہ ٿِيو هو دل کي
ٿيڪ انهيءَ لمحي دل ئي مون اڱسُو نهين جي سُونهِين ٿِي
۽ آندل گُلُ رکيو مون تنهنجي پشم پدم پيرن ۾
نِوڙي گُلُ کنيو تو، تنهنجي چهري تي آئي لالِي
اُن لاليءَ سان چمکي پيئِي تنهنجي ڳَن جي والِي

منهنجي من پَونري تنهنجي چوڌاري ڦيرا پاتا
۽ اُن گل جهڙا تازا سُرها گيت گلابي ڳاتا!

6.11.1989

جڏهن!

هَٿُ ملائڻ لاءِ
وڌايم هَٿُ جڏهن
تو جو
منهنجو هٿ موٽايو
منهنجي ڳل تان
ڳوڙهي بدران رَتُ ڳڙيو
جو تو نہ ڏٺو
جو مون نہ ڏٺو
مون بہ رڳو محسوس ڪيو
۽ سوچيو:
’هيڏي ڳل تي
ڳاڙهو ڳوڙهو
ڪيئن لڳو هوندو!؟‘

مَتان!

مون ٻُڌو آهہ تہ تون مون سان مُحبت ٿي ڪرين!

چو نہ ان ڪُوڙي سچي ڳالھہ تي ڪجھہ دير جي لاءِ
ٿورڙو جِي تہ وٺان ٿورڙو خوش ٿِي تہ وٺان
چو تہ اِن راز کُلڻ سان ئي سنڌءِ وارَ کُليا
تنهنجي وارن جي کُلڻ سان ئي ڪڪر ڪارَ ڪئي
تو ڏنو ٿهڪ تہ ڪنوڻين کڻي کِلڪارَ ڪيا
تو کِلي نيڻ ڪنيا ڇڻ تہ سُهائو ٿي ويو
تو ٿڌو ساهہ پريو واءُ سَٽائو ٿي ويو
تو تَشِيءَ ساڻ ملائي جو تَشِي هئي مون ساڻ
تہ لڳو رنگ ۽ سُرهاڻ ڪئي رِيجهَہ رِهاڻ
منهنجي ڪنهن گيت چُميا چَپَ سنڌءِ پنهنجو پا ڻ

هيءَ سچي ڪُوڙي خوشي پوءِ مِلي يا نہ مِلي
چو نہ اِي پَلُ اَ پَل نظم ۾ پوئي ڇڏيان
ٿي سگهي ٿو تہ اِنهيءَ نظم کي لکندي
تنهنجي معشوق بدن لئہ نئين تشبيهہ سُجهي!

ٿي سگهي ٿو تہ اهو نظم اڪيلائيءَ ۾
تون پڙهين ۽ منهنجا الفاظ چُمن تنهنجا چَپ
پڙهندي پڙهندي تنهنجي رخسار تي ٻوڙي سُرخي!

چو نہ اڄ رات ڪٽي چنڊ ستارن وچ ۾
چو نہ اڄ رات ٻري شمعِ وفا طاق بہ طاق
پر متان هيءَ بہ هجي عشق سان دوکي بازي
پر متان هِي بہ هجي حُسن جو سنجيده مذاق!

يا!

توِہن سُهڻا سائين
رات گذاري هُئي مون
يا رات گذاريو هو مون کي
اونداهيءَ کي ٽارڻ ڪارڻ
ڏيئي وانگي
ٻاريو هو مون کي!

توِہن سُهڻا سائين
ڏِينهن ڪَٽيو هو مون
يا ڏينهَن ڪَٽيو هو مون کي
حالتن جي ڦَرهي تي
وقت کَٽيِءَ جنءَ
ڪپڙي جيئَن سَٽيو هو مون کي!

جَڙاءُ!

جيڪڏهن
سڀ ڪجهه اِئين ٿيڻو هُئو
جيڪڏهن
توکان سوا جيڻو هئو
ليبل اَمرت جو هٽي
زهر جي پِيڻو هُئو
ءِ اِنهيءَ سڀ ڪجهه ٿيڻ کان پوءِ
هڪڙو گيت هڪڙو نظم سنڌيءَ ۾ اگر ڏِيڻو هُئو
جو ڪڏهن شايد ڪٿي ڇپجي سگهي!
ءِ اُنهيءَ هڪ گيت لئِه
ءِ اُنهيءَ هڪ نظم لئِه
جو ڪڏهن تو تاءِ مَن پهچي سگهي!
ها، اُنهيءَ هڪ گيت لئِه
ها، اُنهيءَ هڪ نظم لئِه
آءٌ ڏارِيندو ڏَرِيندو ٿو رهان
ڏينهَن کي ڏُونگر جِيان
رات جو جلندو رهان ٿو ڪنهن ستاري وانگِيان
ءِ اُهو روشن ستارو جيئَن نيڻن ۾ لٿو
پوءِ مون کي ياد ڪجهه ناهي رهيو
ڳَلَ تان ڳوڙهو ڳَڙيو
يا پَني تي سِٽَ ۾
لفظ جو موتِي سچو موتِي جَڙيو!

جڏهن!

جڏهن ٻُڪ ٿي لڳي دوکا کِيان ٿو
جڏهن اُڃ ٿي لڳي ڳوڙها پِيان ٿو

اوهان کان ڏُور جو آئون رهان ٿو
بِنا پاڻيءَ مڇيءَ وانگي لُڇان ٿو

ڏِين سان رات جو جاڳان جلان ٿو
پکين سان پِرهه جو لاٿيون لنوان ٿو

غلط آهي ته مان تولئِه مران ٿو
جِيان ٿو آءٌ بس تو لئه جِيان ٿو

چپن سان جيڪڏهن ممڪن نہ آهي
اوهان جا نيڻ نيڻن سان چُمان ٿو

مِلڻ جي روبرو ممڪن نہ آهي
خيالن ۾ ملي توسان وٺان ٿو

ڏسڻ ممڪن نہ آهي سامُهُون جي
تہ سُمهندي، جاڳندي سپنا ڏسان ٿو

وڇوڙو آهہ يا ميلاپ آهي
اِهائي ڳالهہ اڪثر سوچِيان ٿو

وري هُن بيوفا جي ياد آئي
وري دل کي جهلي ويهي رهان ٿو

چپيندو ڪير، پڙهندو ڪير سائڻ!
پني تي لُڙڪ ڇا جي لئہ رُئان ٿو

دُکي سگريٽ ٿو يا ٿي دُکي دل
فضا ۾ وٽڙندڙ دونهون ڏسان ٿو

جڏهن ڪمري منجهان نڪري وڃِين ٿِي
تڏهن ڪيڏو نہ مان تنها لڳان ٿو!

❊❊❊

گِفٽ

جنم ڏينهن تي
توپاران
گفٽ ڪيل واٽرمين پين سان
پهريون سِٽُون
آءٌ تولاءِ لکندس
اِهوئي مون سوچيو هو
اِهوئي مون چاهيو هو
۽
اِئين ئي ڪيو هوم
جيئن سوچيو هوم
جيئن چاهيو هوم
پر
سچ تہ اهوئي آهي
تہ جو ڪجهہ لکيو هوم
سو
تو لکايو هو

چاڪاڻ تہ
مون تہ رڳو سوچيو هو
مون تہ رڳو چاهيو هو
لکڻ تو لاءِ
تنهنجي گفٽ ڪيل واٽرمين پينَ سان
پهريون سِٽُون تو لاءِ!
پر انهن سِٽن ۾ ڇا لکندس؟
تہ اهو سڀ۔ لفظ/ خيال/ احساس۔
سڀ توئي لکايا هئا!
منهنجي کُهري هٿ تي
پنهنجو نرمل هٿ ڏري
جنهن جو ڇهاءُ
رڳو محسوس ڪري ٿي سگهيس!
۽ مون تہ رڳو ايترو ڪيو
جو
لانِ مان
هڪ گلاب آڻي
اُن ڪويتا جي پيرن ۾ رکيو
۽ اُن تي لڙڪن جي ماڪ رُنس!

10.3.2007

چِٽ!

اکيُن
هٿن
چپن سان چيئِہ: "نو سموڪ سَر!"
اکيُن
هٿن
چپن جي ٻڌي ڳالهہ مون چيو:
"سگريٽ ڇا؟ چوين تہ سڀو ڪجهہ ڇڏي ڏِيان!"
"سڀ ڪجهہ ڀلي ڇڏي ڏجو ڇڏجو نہ شاعري!"
اِيءَ ڳالهہ ڪيتري نہ ڇَئِي تو ڳُڻن ڀري

چِٽ تي لکيم ۽ توکي ڏنم
جنهن تي هو لکيل:
"تون ئي تہ شاعري منهنجي آهين ڇڏيانءِ ڪيئن؟"
تو چِٽ پڙهي،
کِلي
۽ ٻِرا ۾ رکي ڇڏي!

عِيدَ!

عِيدَ توکان سوا آئِي بہ تہ ڪهڙي آئِي؟
تَهڙِي پاسي منجهان گُذري وَئي جَهڙِي آئِي!

پوءِ!

مليا سين اِلاهي زماني کان پوءِ
فسانو شروع ٿيو فساني کان پوءِ

وِيا دِينُ دنيا، مِلي عاشقي
خزانو مِلي ويو خزاني کان پوءِ

مِلڻ جو چَئِي هاءِ وڇڙي وينءَ
جِيان ٿو سندءِ اِن بهاني کان پوءِ

نہ پُڇ حال دل جو نہ پُڇ، ها نہ پُڇ
نشاني کان پهرين، نشاني کان پوءِ

اُها برق جنهن کي چئو ٿا اوهين
ڪِري ڪٿ سندم آشياني کان پوءِ

اُهو تنهنجو "امداد" عاشق اصيل
مِليئِہ ڪو بہ اهڙي دِواني کان پوءِ!

5.11.2009

جادُو!

تنهنجن نيڻن ۾ ڇا جادُو آهي؟ جنهن ۾ ڏٺو سو قابُو آهي!

تنهنجي هَٿَ تريءَ تي لڪيل، منهنجي للاٽ جي آهي لِيڪَ
تنهنجن ڀِنين ۾ گُل سُونهي ٿو سائي ٿاريءَ ڪان ٻه وِڏِيڪَ
اُن گُل ۾ ڪهڙي خوشبُو آهي؟ جنهن ۾ سُنگهي سو قابُو آهي!

مون جهڙي ڀِپ اڻ سمجهوءَ ڪي، ڪيڏو نه سُنوڻِي سمجهائِين
ٻُڌندو ئي رهان ڳالهيون نه ڪُٽن، ڪيڏو نه مِٺو ٿي ڳالهائِين
جڻ ڪووِل جي ڪُو ڪُو آهي، جنهن ۾ ٻُڌي سو قابُو آهي!

وار سندءِ گهنگهور گهٽائون، ڪِنوڻين جيئَن ڪِلڻ آ تنهنجو
ڊيلُن جيئَن ٽِلڻ آ تنهنجو ميگهه ملهار مِلڻ آ تنهنجو
تنهنجو جلوو هر سُو آهي، جنهن ۾ پَسيو سو قابُو آهي!

29.4.2010

پلا!

تنهنجي اُن مُرڪ جو مطلب ڇاهو؟
جانچاور ڪئي توبئي ڪنهن تي
مان اهي ڇَپ ڇُمان
ڪيئن ڇُمان!
رَس پري مُرڪ اُهائي ساڳي
اج ٻه چنبڙي پئي آهي جن تي
مان پلا ڇَپ رکان ڪنءَ تن تي!

24.10.2009

لنوائڻ

ڪاج ۾ راج سڄي مارڪ ڪيو يا نہ ڪيو
مان لنوائي نہ سگهيس مون کي لنوائڻ تنهنجو
جاڻي واڻي اُهو مون کي تنهنجو اِگنور ڪرڻ
منهنجي نظرن سان نہ نظرن کي ملائڻ تنهنجو

ڊيلَ جي ڊارَ ٽِلي، مورُ ڇيو تو مون کي
توکي ياد آهہ تہ چِت چورُ چيو تو مون کي
ياد ناهي تہ هليا ياد ڏياريان توکي
تہ ڇُرڻ لاءِ ڇَڙِي پورُ ڪيو تو مون کي

ڀري محفل ۾ رڳو مون کي لنوائڻ تنهنجو
تو وساري بہ ڇڏيو آءُ وساري نہ سگهيس
صورتِ حال اها ئي رهي آخر تائين
توکي ڏسندو ئي رهيس، ڪجهہ بہ اُچاري نہ سگهيس

سيني تو ڏانهن ۽ مون ڏانهن ڏسي پئي مُرڪيو
ڪوئي ڳائي رهيو هو توتي لکيل نظم سندم
نِظم کي زخم چوڻ جو بہ نہ وَڙ توکان پُڳو
لُوڻ لائق بہ نہ سمجهيوءِ اُهو زخم سندم

ڪالهہ تو پاڻ انهيءَ نظم کي جهونگاريو هو
نظم جو تنهنجي چوڻ تي ئي لکيم تنهنجي لاءِ
تنهنجو سيڪجهہ منهنجو هو ڪالهہ، مگر، اڄ، هاڻي..
لُوڻ ڇپڻي بہ وٺئي ڪا نہ هئي منهنجي لاءِ!

1.2.2016

ياد!

اي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينٽرل لائبريريءَ آڏو
وڍجڻ کان بچي ويل
ڇُهچ ساوا وڻَ!
ڇا توکي ياد آهي؟
اُها ڇوڪِري
جيڪا
يونيورسٽيءَ ۾
اجرڪَ اوڍي ايندي هئي

سال ٿيا
اُها ڇوڪِريءَ مان عورت بڻجي وئي
ٽن ٻارن جي ماءُ بڻجي وئي

پر اُها ڇوڪِري
جيڪا
يونيورسٽيءَ ۾
اجرڪَ اوڍي ايندي هئي
سا
توکي ياد هجي نہ هجي
پر مون کي ياد آهي
۽ اڄ تائين
دل جي گهر ۾ آباد آهي!

سُڪا

وري اُهو ئي نظم،
ٻُڏڻ گهُرين ٿي، ڇڏ ڪٽي۔
اُڪلِي پُوندو زخم!

مِيٺَ مِلون جيسِين،
سِڪَ لِڪَ ۾ سانڍ جان۔
سُڪا ڪري تيسِين!

ڇوري تنهنجي ڇيرَ،
ڇرڪ پريو جاڳيو پوي۔
ڪٽين، ڏرين، جنءَ پيرَ!

26.9.2009

ٿهڪُ!

ڪاش ۾ تون ٻه هُينءَ، آءٌ ٻه هوس- ۽ منهنجي
آڱرين ۾ هئو دُکندو سگريٽ
جي وِٿي هئي تنهنجي منهنجي وچ ۾
ته رڳو ايتري هُئي
ته سنڌءِ ٿهڪ چِٽا آءٌ ٻُڌي پئي سگهيس
ڳن جي واليءَ جو چُميو پئي تنهنجو ڳل
رِيسَ آئي پَئي اُن تي مون کي
ڇڳَ ڇهري کي چُمڻ لاءِ ٿي ڦٿڪي سٽڪي
آڱرين ساڻ هٽايئِه ٿي اُنهي کي هَر هَر
پر اُها تنهنجي ڇَئي ۾ نه هُئِي
وَٺَ سَٺَ ڪائي چُميائين ٿي اچي ڇهري کي
پَل اَ پل لاءِ خيال آيو ته 'اي ڪاش! اِها ڇَڳَ هجان ها آئون
ته ٻنا روڪ ۽ ٽوڪ
چنڊ ڇهري کي چُمان ها آئون!'

ڪاش ۾ تون ٻه هينءَ، آءٌ ٻه هوس- ۽ منهنجي
آڱرين ۾ هُئو دُکندو سگريٽ
اِيءَ مانڊاڻ مَتل هو من ۾
ته نهارين ته سلام آءٌ ڪريان
مُتَوجهه جي ٿِينءَ تون ته ڪلام آءٌ ڪريان
۽ سُٽايانءِ ته توڪان وِڇڙي
ڇا وهيو واپِريو آهه مٿم
جڻ ته جيون نه هو ديوار هئي اُپ تائين
اُپُ، جنهن تي نه ڪو سورج، نه ڪو تارو نه ڪو چنڊ!

ڪاش ۾ تون ٻه هينءَ، آءٌ ٻه هوس- ۽ منهنجي
آڱرين ۾ هُئو دُکندو سگريٽ
اُهو سگريٽ ٻه دُکندي دُکندي
آڱرين تاءِ اچي پهتو هو
لهس آئي ته پري ڇرڪ ڪٽي اُڇلايم
نيڪ انهيءَ مهل سنڌءِ ٿهڪ ٻڌڻ ۾ آيو
ٿهڪ جو ڇهڪ ڏني ويو دل کي!

ڪڏهن!

ڪڏهن مِلڻ بہ گُهريوسين تہ ڏار ٿي وياسين
ڪڏهن ڪِلڻ بہ گُهريوسين تہ ٿهڪ ئي نہ ٿِڙيا
ڪڏهن رُئَڻ بہ گهريوسين تہ لُڙڪ ئي نہ لَڙيا
هزار ڳالِڙيُون چپن تِي ڇُپيون هان ۾
ڪڏهن چُئَڻ بہ گهريونسين تہ لفظ ئي نہ مليا
مِلي بہ ويا تہ زبان مان اکر بہ اُڪليو ڪو نہ!

گُهريوسين خواب ڏسڻ، خواب ۾ پرينءَ کي پَسڻ
تہ پوءِ ننڊ ئي نيڻن منجهان وِئي اُڏري!

پَنا پِيا رهيا ٽيبل مٿان ٽڙيل پکڙيل
ڪڏهن لِکڻ بہ گُهريوسين تہ زخم نظم نہ ٿيو
ڪڏهن رچڻ بہ گهريوسين تہ گهاءُ گيتُ نہ ٿيو!

سين جي لاءِ گُهريوسين رُئڻ، ڪِلڻ ۽ لِکڻ
سين جا مِيتَ اسين، پنهنجو ڪو بہ مِيتُ نہ ٿيو!

بس!

مون کان وسري وئي، مِٺا منهنجي مُون
بس ياد رهين، هڪ ٿُون ئي ٿُون!
بس ٿُون ئي ٿُون، بس ٿُون ئي ٿُون!

منهنجي ڏات بہ تون، منهنجو ڏانءُ بہ ٿُون
منهنجو تون بہ تہ تون، منهنجو آنءُ بہ ٿُون
منهنجو نانءُ بہ تون تہ اَنانءُ بہ ٿُون
توريءَ ٻِي ڪا بہ پچار نہ مُون
بس ٿُون ئي ٿُون!

گَتِي، ٽيڙُوتون، سِج، چنڊ بہ ٿُون
نئن، نهر، ندي ٿُون، سمنڊُ بہ ٿُون
منهنجو ناز، نياز، گُهمنڊ بہ تون
مان نُورِي، تون ئي ڄام سَمُون
بس تون ئي تون!

سِنڌُو اباسِينُ، مهراڻ بہ ٿُون
تَن تي ٽِڪن جَڙِيل پهراڻ بہ ٿُون

منهنجي چهري جي چهراڻ بہ ٿُون
منهنجو شعر سُخن ۾ مضمُون
بس ٿُون ئي ٿُون!

بادل، سانوڻ، سانول ٿُون
راڻل، رانجهڻ، رانول ٿُون
پوريءَ جو من پانول ٿُون
مِڙ هستي، مستي، جوش جُنُون
بس تون ئي تون!

پيارُ!

هڪ سڄڻ کان سِوا ياد آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
ساڙ ۾ بغض عناد آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
ڪو بہ فتنو ۾ فساد آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
پيار جي ناهہ تہ پوءِ ڇاهي پلا جيون ۾
پيار ري ڪو بہ سواد آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي!

جاڳ سَڪڻي رڳو ڳولا رڳو رولا آهي
ننڊ آهي بہ تہ ڪو خواب نہ آهي جنهن ۾
نظم آهي بہ تہ ڪو زخم پَني تي ناهي
روح آهي تہ رباب آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
زندگي يار بنا پيار بنا اي سانول!
هڪ ڪتاب آهہ گلاب آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
جام آهي تہ شراب آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي
اَڪِ آهي بہ تہ آب آهہ نہ جنهن ۾ ڪوئي!

جيون!

سپ جيون اِنءَ گھاريوسِين
توکي ئي پئي ساريوسِين

اِيئَن ملايونسين اکڙيون
ڏِيو ڏِيي مان ٻاريوسِين

پوياڙيءَ وِيچاريو سِين
کھڙو وعدو پاريوسين؟

دل تي جيڪو ڏَڪُ لڳو
ڦُوکي ڦُوکي ٺاريوسين

ڀھريائين پَٽي پاڙان
ءِ پوءِ ٻُوٽو ٻاريوسين

ڏراڙ ٻڻجي ڍورن جنءَ
سُورن کي پئي چاريوسين

هنجون توڙي هاريونسين
هانءُ تہ پوءِ بہ نہ هاريوسين

راڏِيڪا!

او راڏِيڪا! او راڏِيڪا! توِہن مَڏُبَن آ سُنسانُ!

گُلَ ڦُلَ رنگ سُگَندَ هوائُون، پکي پکڻ وَڻ ٽِڻ حيران
او راڏِيڪا!
تارن جي جا ٽِمر ٽِمر آهي، ڪِرٽو ڪِرٽو جهڙو ڪانُ
او راڏِيڪا!
پاڏر ، پهاڙ ندي، جَهرڻا، آءُ اُنهن کي ڏي جيئدانُ
او راڏِيڪا!
ڦوڙائي جو ڦَٿُ ڪُلي پيو، شفق اُفق تي لَهُو لهانُ
او راڏِيڪا!
چندڊ نلهو ڪشڪول لڳي ٿو، مُرڪِي اُن ۾ پائي دانُ
او راڏِيڪا!
سُندر سپنا، سوچون لوچون، گيت گُلابي سپ شمشانُ
او راڏِيڪا!
آس نراس نہ ڪج نيڻن جي، منهنجي مَن جو رکجان مانُ
او راڏِيڪا! او راڏِيڪا!
توِہن مَڏُبَن آ سُنسانُ!

(پاڏر-ٻن ٽڪرين وچ ۾ سنئون سڌو پَٽُ)

لاءِ!

دل ۾ نہ ڪا زبان تي، ڳالھ چُئڻ جي لاءِ
ڪُلھو رڳو گُھرجيم ٿو لڙڪ رُئڻ جي لاءِ

جيڏي!

تون تڏھن ملي آھين
ھا، جڏھن جيڻ جيڏي
مون چڏي ڏنو آھي
چو تہ زندگي ھاڻي
ڪا نہ آ جيڻ جوڳي
جسمُ نِيلَ نِيلَ آھي
روح پڻ رڳو روڳي
پاڻ ڪان اڙي جيڏي
ڪا نہ ٿي مسيحائي
ٿي تہ شاعري ئي ٿي!
ڪائنات ھيءَ ھيڏي
ھيڪلو ڪوي آئون
سو بہ سنڌ ڌرتيءَ جو
جو نہ ڪو ڪٿي چپجي
انڪري نہ ڪو پڙھجي
ان ڪري نہ ڪو ڪڙھجي
پوءِ بہ پيو رچي گَوِتا
پوءِ بہ پيو جِئي تنھا
تون تڏھن ملي آھين

ها جڏهن اڪيلايون
راس اچي ويون مون کي
ها جڏهن نراسايون
وڻ وڏي ٽِيُون مون کي
تون تڏهن مِلي آهين
۽ رُني کِلي آهين
مان به ٿو ملان توسان
لڙڪ کي اُگهي ڳل تان
ٿو ملي کلان توسان
۽ ائِين لڳي ٿو چڻ
پاڻ سان ملان ٿو مان!
سوچِيان تڏهن ٿو مان
پاڻَ سان ملئي مون کي
ڪيترا نه جُڳ گذريا!
ڇو ته آرسين جي لئه
وقت ٿي ويو پٿر
لِيڪَ جا تِريءَ تي هئي
ڪيڪَ سا تِريءَ تي هئي
ڪِيڪَ جا جُڳن کان پوءِ
تو ٻُڏي وَتِي جيڏي
۽ وري لڳي مون کي
زندگي جيڻ جوڳي!

ڪيئن؟

هُو سيِن کان لِڪِي ڏيڊيءَ ۾ مِلڻ
لوڊشيڊنگ ۾ ڏاڪڻ تي اِئين ٻيڙَهه ٽيڻ
۽ پُٽيرو اچي اکين تي ٻَئِي هَٿَ رکڻ
ٻُڪَ ۾ مُکُ جهلڻ- چَپَ چُمڻ

ڪيئَن؟
ها، ڪيئَن وساري سگهندي\u0646ءَ؟
مُندَ ۾ جوڙَ ٻِنا
ڪيئَن گذاري سگهندينءَ؟

سِڪَ!

سِڪَ آهي تہ اِها لِڪ ڇا لاءِ؟
سِڪَ ناهي تہ ڀلا ڇِڪ ڇا لاءِ؟

هي اکيون آرسِيُون ناهن ڇا؟
آءُ آهيان تہ اِها ٽِڪ ڇا لاءِ؟

جنءَ ڏسان تيئن نہ ٿو رُوح رَجي،
ڏَس ڪٿي هَڏ نہ ڀڳي هِڪ ڇا لاءِ؟

اي ڳوِي! لفظ تہ موتي آهن،
هَنجُ آهين تہ ڇِلڙڇڪ ڇا لاءِ؟

سانوڻي آهہ تہ ڪا نہ اکڙين ۾
دل جي دريا جي ڀُري ڀِڪ ڇا لاءِ؟

www.sindhsalamat.com

هوءَ : امداد حسيني

اڳواٽ!

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

ڪا توّقع نہ رکون، ڪا بہ توّقع نہ رکون
ڪو بہ وعدو نہ ڪريون، ٽوڙڻو پئجي نہ وڃي
ايڏا پنهنجا نہ ٿِيون، ايترا ويجها نہ اچون
جو پرائين جِيان مُنهن موڙڻو پئجي نہ وڃي!

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

هان ڀَڄي ٿو تہ ڀَڄي، سَڳُ ڇِڄي ٿو تہ ڇِڄي
ڪو بہ آٿت نہ ڏِيُون، ڪو بہ دلاسو نہ ڏِيُون
دل رُئڻ لاءِ ٿِئي جي تہ کِلون دل کولي
هڪٻِئي لئِہ نہ مَرُون، هِڪٻِئي لئِہ نہ جِيُون

www.sindhsalamat.com

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

ڪو بہ سپنو نہ ڏسون، جاڳندي جو ڪو سپنو
نظم اهڙو نہ لکون، نظم جو ڇَپجِي نہ سگهي
ڳِيتُ اهڙو نہ رَچيون، ڳِيتُ جو ڳائي نہ سگهون
تند اهڙي نہ ڳنڍيون، تند جا ڳَپجِي نہ سگهي

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

ڪا تمنا نہ ڪريون، ڪا بہ تمنا نہ ڪريون
هار ٻانهن جا ڳچيءَ لاءِ نہ ٺاهيون ڪڏهين
عاشقي، پيار، وفا، دوستي وِي ڪانٽ اَفورڊ
پوءِ چاهيون بہ تہ چاهي بہ نہ چاهيون ڪڏهين

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

پوءِ اَڌ واٽ وٽان، موڙ وٽان، چَوڪَ وٽان
جيڪڏهن وڇڙڻو پئجي وڃي، وِڇڙُون مُرڪِي
پوءِ چاهيندي نہ چاهيندي بسنتي رُت ۾
جيڪڏهن اُجڙُڻو پئجي وڃي اُجڙُون مُرڪِي

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

زندگي جيئَن بہ گذري تہ گذاري ڇڏجي
ڪا شڪايتَ نہ ڪريون، ڪا بہ شڪايتَ نہ ڪريون
نئون دوکو، نئون ڏُک ڪو نہ سهي سگهنداسين
ٻيو ڪٽي ڇا بہ ڪريون، صرف مُحبتَ نہ ڪريون
پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين

جو بہ ڪجهہ آهہ تعلّق تنهنجي منهنجي وچ ۾
اُهو بي نانءُ تعلّق بہ رهي يا نہ رهي
موهُہ هڪ ٻوهُہ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي
موهُہ جو ٻوهُہ اِهو پوءِ ٻهي يا نہ ٻهي

پاڻ ۾ طيءِ ڪري اڳواٽ ڇڏيون ڇو نہ اسين!

ڪالهہ!

ڪالهہ ڪاريڊور مان
هِيرَ جي جُھوتي جِيان
پاڻ ۾ مست ۽ مگن
گذرياسين آءُ تون
۽ سڄي آفيس بڻجي وئي اکيون!

15.4.2000

فاصلو!

ڏسجي تہ صرف هڪڙي، ٽيبل رکيل هُئِي پر
جنمن جو فاصلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾

هِن لوڪ جو اڃي ڇا، هِن لوڪ جو وڃي ڇا
پنهنجو تہ فيصلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾
جڻ تنهنجي منهنجي هٿ ۾، هڪ هٿڪڙي لڳل هئي
اهڙو بہ مرحلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾

تو ياد هُت ڪيو ٿي، هِڏڪي هِتي لڳي ٿي
هوڪو تہ سلسلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾
شيشا ڀڳا پِيا هئا، پر پير پنڌ ۾ هئا
ڪيڏو نہ حوصلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾

ڏسجي تہ صرف هڪڙي، ٽيبل رکيل هُئِي پر
جنمن جو فاصلو هو تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾!

24.3.2005

ڪرداراَ

مومل

تارو ڪِڙيو مومل سمجھيو
ڪاڪ ڪڪوري راڻو آيو
چنڊ چڙھيو ۽ مومل سوچيو
ڪيھ ڪتوريءَ ھاڻو آيو
سورج اُڀريو مومل ڀانيو
سوڍل يار سِياڻو آيو

سسئي

نارو ڪِڙيو سسئيءَ سمجھيو
ڪيچ ڏٽي ڪوھيارو آيو
چنڊ چڙھيو ۽ سسئيءَ سوچيو
سات ڏٽي سُونھارو آيو
سورج اُڀريو سسئيءَ ڀانيو
پاڻ پُرس پاڳارو آيو

مارُل

تارو ڪِڙيو مارُل سمجھيو
سانگيئڙن جو سانگي آيو
چنڊ چڙھيو ۽ مارُل سوچيو
وانگيڙن جو وانگي آيو
سورج اُڀريو مارُل ڀانيو
جھانگيئڙن جو جھانگي آيو

سونا

تارو ڪِڙيو سونا سمجھيو
ساجن سُپرين سانول آيو
چنڊ چڙھيو ۽ سونا سوچيو
رِيجھي رانئڻ رانول آيو
سورج اُڀريو سونا ڀانيو
ڀَلي ڀَلي من ڀانول آيو

آلا!

اڪين ڪي اڪين ڏي اُماڻي نہ ڏِي
آلا آرسيءَ کي سُجاڻي نہ ڏِي

اِها ڄاڻ ئي آھ ڄيري ڇراڻ
سُتو آھ جو ڪجھہ بہ ڄاڻي نہ ڏِي

اڏس وات ۾ مُڱ ڪنن ۾ ڪپاھ
پڙاڏي جيان سَڏ وراڻي نہ ڏِي

www.sindhsalamat.com

نہ اڄ جي ڪري جو وڏي آڄِيان
اُنهيءَ لاءِ ڪڏھين سياڻي نہ ڏِي

سياڻي اُها ڳالھ ڏيندي بہ ڪيئَن
اُها ڳالھ جيڪا بہ هاڻي نہ ڏِي

پئي ڪٿَ واڻي ۾ مُرڪي پَئِي
ڇوان ڪيئَن ڪو خواب واڻي نہ ڏِي!

اُها مهل جا آھ موتيءَ مثال
اُنهيءَ مهل کي ڪوھ ماڻي نہ ڏِي!

ڇَڄي ڪو نہ پُوندو ڪڇيءَ تند جيئن
آلا تَنُ تَن ڏانهن تاڻي نہ ڏِي!

www.sindhsalamat.com

اسٽِري!

”هر سَڦل پُرش پُٺيان اِسٽِري هوندي آهي!“
(اَسڦل پُرش پٺيان اِستري ناهي هوندي!)
هُن جڏهن سِٽَ اِها مون کي ٻُڌائي تہ چيائين چِرڪي:
”او آلا اِسٽِري ڪُليل ڇڏي آئي آهيان!“
۽ وٺي لوُهہ وڏائين اندر
ٻُو جتان آئي ٿي ڪپڙي جي سڙڻ جي ٻاهر

مون ٿڌو ساهہ ڀريو۔ ۽ سوچيو:
’دل جلڻ جي سُئو آهي تہ نہ ٻُو آهہ نہ دُونهن!‘

(اِستري۔عورت، استري۔Iron)

ڪڏهين!

رُنا، ڪِلياسين پاڻ،
دلڙي ڏير سُڏير ٿي۔
ڳالهائي توساڻ!

ڪڏهن ياد ڪيوءِ،
هِڏڪِيءَ تي منهنجو پلا۔
نالو ڪو ورتوءِ؟

سُور ڪري ڇڏ سُرڪ،
لوڪ اٿئي منهن موڪِ ڙي۔
لُڙڪ ڪري ڇڏ مُرڪ!

سونا!

آءٌ توڏانهن نهاريان تہ نهاريندو رهان ٿو سونا
بس اِئين جيءُ جڏو جيءُ جِياريندو رهان ٿو سونا

وِيرَ لئِہ چنبڊ جي فانوس کي ٻاريندو رهان ٿو سونا
چنبڊ جي لاءِ وري وِيرَ کي واريندو رهان ٿو سونا

بس ڏکيو وقت سُکيو وقت گذاريندو رهان ٿو سونا
توکي ساريندو، سڄو جَڳُ وساريندو رهان ٿو سونا

رات کي ڏينهن ڪرڻ لاءِ ڏيي ساڻ جلان ٿو جاڳان
سِڄُ سورجُ مکي جي لاءِ اُپاريندو رهان ٿو سونا

سَڏَ جيڪي بہ ڪيم توکي اُهي سَڏَ پڙاڏا ٿي ويا
تون ٻڌين ئي نہ ٿي آئون تہ پُڪاريندو رهان ٿو سونا

رات جي جيلُ بہ آهي تہ اُهو جيل بہ ڪاٽيان وينو
ڏينهُن ڏونگر اگر آهي بہ تہ ڏاريندو رهان ٿو سونا

صرف توتي ٿو فقط تنهنجي پڙهڻ لاءِ لکيو هوم جو شعر
هڪ اُنهيءَ شعر کي پني تي اُتاريندو رهان ٿو سونا

ڏيان ٿو گيان ۾ گم پاڻ ٻنهي نانءُ وَٺو هو "سِنڌڙِي"
آءٌ اڪثر اهو اشلوڪ اُچاريندو رهان ٿو سونا

18.1.2010

هوءَ : امداد حسيني

ضروري!

ضروري نہ آهي لِپ اسٽڪ چپن لاءِ ايڏي
ضروري چپن لاءِ آهي مِٺي مُرڪَ جيڏي!

ٺوڪر!

هڪڙي سُنسان رستي تي صدين ڳنان
مان پِيو هوس بي جان پٿر جِيان
اوچتو اوچتو
ڪنهن بہ سوچيل ءِ سمجهيل رِٿا کان سوا
تنهنجي پيرن جي ٺوڪر لڳي
رَتُ منهنجي رَڳُن منجهہ ڊوڙڻ لڳو
آڱرين منجهہ چُرپُر هُئِي
۽ تڏهن
تنهنجي ڇهري ڇُهڻ جي
چپن سان چپن کي چُمڻ جي عجب آسَ جاڳي
اکين سان
اکين مان
پيئڻ جي اَجهل پياسَ جاڳي!

8.5.2015

وِيچاريو!

سَچُ بہ هو يا مون وِيچاريو
مُرڪي هُن مون ڏانهن نهاريو!

اُپ تي ڪونجڙين ڪُڙڪاريو
ساڃن ساري مون اوساريو

گيت پپيهي کان وسري ويو
۽ مون اُن کي ياد ڏياريو

عيدون ۽ عاشورا آيا
ليڪن مون کي ڪنهن بہ نہ ساريو

اَمرت سمجهي ڪنهن وِهُہ پِيتو
وِهُہ ڄاڻي ڪنهن اَمرت هاريو

هانءُ برابر ٿانءُ نہ آهي
اُن کي لڙڪن سان آ گهاريو

هولي آئي ويئي هولي
ڪنهن بہ اسان تي رنگ نہ هاريو

ساوڻ ڪو نہ وِسائي سگهندو
تو جو من ۾ ٻارڻ ٻاريو

ماڻهن کي ڏيکارڻ ڪارڻ
لُڙڪَ ڏئي هڪ مُرڪ اُڌاريو

ڪويءَ بنا ڪنهن ڪويءَ بنا، ها
وِيرَ ويرَ کي ڪنهن بہ نہ واريو

ڳهر ڳڱاٿيا ڳاٿ اُپا ٿيا
سينگاريو سوري سينگاريو

هُوءَ!

هُوءَ جا پاڻ ڪويتا آهي
ساڄي ٿي
’هُن تي آءٌ ڪويتا جوڙيان!‘
هُن جي چندر مُک تي
آءٌ اکيون ٿو کوڙيان
هُن جو چندر مُک
هَٿَ ترين تي
ايئَن رکيل آهي
جنءَ ڏرمي پُستڪ رحل مٿان!

ٺاهڻ واري
هُن کي ڪيڏو سُندر ٺاهيو آهي!
هُن کي چاهي، پيو مون ڪجهہ بہ نہ چاهيو آهي
۽ مان سوچيان ٿو
دوهي جهڙا چَپَ سندس
۽ نيڻ غزل
لفظن ۾ ڪنءَ لِکبا!

هن کي پَسندي، اِنءَ ٿو ڀاسي
ڄڻ هوءَ منهنجي ڪِوتا آهي
هُن جي ساگر نيڻن ۾ ’پنهنجو پاڻ پَسِي‘ ايئَن لڳي ٿو
جيئَڻ کي ڪا معنيٰ آهي!

۽ هن جي لوڏ لڪن جي
بس
ايندي بہ رڳو ڏسندو رهجيس
ويندي بہ رڳو ڏسندو رهجيس!

21.2.2014

چورِي!

چڙي ڏي
ڳُلهن تي ڇُڙيل وار چوري چڙي ڏي

ڀنيوليا وتن ڀونر ڀُل ڀرِ ڀَلي
وڻن واس تن مان هوائون ڀلي
انهن جنءَ سِڌن کي لساري ڳوِي ڀل تہ ڪوتا انهن تي لکي
وڃن گهورَ گهنگهورتن تان گهٽائون ڀلي

چڙي ڏي
ڳُلهن تي ڇُڙيل وار چوري چڙي ڏي!

سِيءَ!

هِي ٿڌا سِيءَ، مِٺا سِيءَ بہ گذري ويندا
هِن سِياري بہ نہ ملنديِنءَ تہ ڪڏهن ملنديِنءَ تون
پَلَ پرڏيهي پکين وانگِيان اُڏري ويندا
هِي ٿڌا سِيءَ، مِٺا سِيءَ بہ گذري ويندا

سِجَ سارُوِڻيوُن بڻجي لهي اُڀري ويندا
اُس جِيان اَجُ بہ نہ کِلنديِنءَ تہ ڪڏهن کِلنديِنءَ تون
هِي ٿڌا سِيءَ، مِٺا سِيءَ بہ گذري ويندا
هِن سِياري بہ نہ ملنديِنءَ تہ ڪڏهن ملنديِنءَ تون!

مان!

مان جو تنهنجو ٿِي ويو آهان
مرندي مرندي جِي ويو آهيان

گهٽو پري نڪرِي ويو آهيان
حد لاحد اُڪرِي ويو آهيان

جو بہ وٽيئي سوڳهُہ تاهي
سونَ جِيان پگهرِي ويو آهيان

هڪڙيءَ مُڪڙيءَ کي ڇا ڇاهيم
ڪندن سان اٽڪِي ويو آهيان

اُتل سڄي توڏي ئي سونا
تو ڏي ئي سِرڪِي ويو آهيان

ماٺهو ڇا؟ آئون ماٺهوءَ جي
پاڇي کان ڇِرڪِي ويو آهيان

جڳ کي امرت آڇڻ ڪارڻ
قاتل زهر بہ پِي ويو آهيان

مينديءَ رتڙو هٿڙو لاتئِہ
ريٽي رڱ رڱجِي ويو آهيان

شبد روپ سروپ ڳوِتا ۾
دل ٻٽجي ڏڙڪِي ويو آهيان

پيار ڪرڻ کان پهرين ۽ پوءِ
ڇا هوس ۽ ڇا ٿِي ويو آهيان

سِڄُ، چنڊ، تارا ۽ ڏرتي
ڪنءَ نہ ٿِڙي پڪڙِي ويو آهيان

جن کي ساريو ساريو ساريان
تن کان وسرِي ويو آهيان

رُسڻ نہ پرچائڻ وارو ڪو
پاڻ رُسي پرچِي ويو آهيان

سندءِ چُڙيل ڪارن وارن ۾
ڇَو ڪُنيو ٻَڌجِي ويو آهيان!

خيال

خيال رکجان
انهن اکين جو
چپن
ڳلن
جسم
روح، دل جو خيال رکجان!

خيال رکجان
اِنهن اکين جو انهن سکين جو
ڪجل اِنهن لاءِ ئي ٺهيو آ
سَچي پُڇين جي تہ هر سُريلو غزل انهن لاءِ ئي رچيو آ!

خيال رکجان
انهن چپن جو
چُمي انهن لئہ سندم چپن آ رکي سنڀالي!

خيال رکجان
انهن ڳلن جو
ڪِلڻ سان ڳُن ٿو پوي جنين تي!

خيال رکجان
انهيءَ بدن جو
جو سنگ مرمر منجهان ٺهيو آ!
خيال رکجانءِ
رُوحَ جو رُوحُ جو پويتر ۽ پاڪ آهي
نہ دل تي ڪوئي ملال رکجان
فراق ۾ پڻ وصال رکجان
خيال جو بس خيال رکجان!

(سچل سرمست جي سِٽ: ”مين تان ڪوئي خيال هان، ملسن نال خيال دي“ کان متاثر ٿي لکيل)

وعدو!

سِٽَ ناراض ڪري جا توکي
سِٽَ سا سِٽَ نه سِڪندس تولئِه
منهنجو توسان اِهو وعدو آهي
هاڻ ڪو شعر نه لِکندس تولئِه

بيت يا نظم، غزل يا ٽيڙُو
پريت جو گيت نه چوندس تولئِه
پره جو لات پکيئڙا لنوندا
آءٌ ڪا لات نه لنوندس تولئِه

گهر ۾ اونداهه جي هوندي به ڪٽي
پر ڏيي جيئَن نه جلندس تولئِه
راهه جا آهه گذر گاهه سندءِ
راهه سا راهه نه رلندس تولئِه

واسطو ئي نه رهيو آهه جڏهن
ته نه رُئندس نه ڪو ڪِلندس تولئِه
تنهنجي هر سارَ وسارڻ ڪارڻ
پاڻ سان پاڻ نه مِلندس تولئِه

وڏي واڪي ڪٽي نالي سان سَڏِين
چا به ٿي پئي ته نه ورندس تولئِه
ها چئين جي ته لکت ۾ به ڏيانءِ
ته نه جيئندس ته نه مرندس تولئِه

هجر توڙي جو ڪٽي زهر آهي
ته اُهو زهر به چکندس تو لئِه
ڪله به تولاءِ وساريم سڀ ڪجهه
اڄ به ڪجهه ياد نه رکندس تولئِه

بس وِهاڻي ڪي ڀَري ڀاڪر ۾
رات جو هاڻ نه سُمهندس تولئِه
جنهن گهٽيءَ منجهه گهر آهي تنهنجو
اُن گهٽيءَ منجهه نه گُهمندس تولئِه

ڪيئَن آهين ۽ ڪٿي آهين تون
ڪجهه به ڪنهن کان به نه پُڇندس تولئِه
ڪيئَن آهيان ۽ ڪٿي آهيان آءٌ
ڪجهه به ڪنهن سان به نه ڪُڇندس تولئِه

ڏينهن جو واٽ نه تنهنجي ڏسندس
رات جو هاڻ نه رُلندس تولئِه
رَئو چاتيءَ تان اُڏامي نه وجئي
هيرَ بڻجي به نه گُهلندس تولئه

تون انهيءَ تي ٻه متان ڪاوڙجين
هاڻ بيتاب نه رَهندس تولئِه
مون اڳيئي سَتو آهي ڏاڍو
هاڻ بس، ڪجهه به نه سَهندس تولئِه

ناهِيان ميڻ بتي ناهيان آءٌ
سو سرِ شام نه ٻرندس تولئِه
تون انهيءَ ۾ ئي اگر خوش آهين
ڳڙِتيُن ۾ به نه ڳرندس تولئِه

تنهنجي دلدار بدن جي تشبيهه
ڪا به سُجهندي ته نه لکندس تولئِه
سَڳُ جوڙڻ وري ٽوڙڻ واري
ريت توکان ئي ته سکندس تولئِه!

آءُ!

آءُ پُڇان ٿو:
”پيار ڪرڻ ته ضروري آهي
پر اُن جو اظهار ڪرڻ
چا، غير ضروري ناهي؟!“

ڪيڏي نه سُٺي تو ڳالهه ڪئي او جيڏِي!
”چَڏُ ضروري، غير ضروري جي قصّي کي
آهي؟ ناهي! جي چڪر ۾
وَهِي وَهِي ويندي
واريءَ وانگي آڱرين جي وِٿين مان
آهي! ناهي؟ جو چڪر ڇڏ
مُند گلابي آئي آهي
آءُ ته تن من پاڻ رڱيون
ويلَ شرابي آئي آهي
آءُ ته اُن مان ڍُڪو پِيُون
آءُ ته هڪ ٻئي کي رانئيون ماڻيون
آءُ ته تَن کي تَن ڏَي تاڻيون!“

گڏجاڻي

”هونئن تہ پنهنجي
هر گڏجاڻي
هوندي آهي خاص
پر مان چاهيان ٿي
هڪڙي اهڙي گڏجاڻي
جيڪا
خاص الخاص هجي!“.